لغت

# لاڙي لفظن جي موتين مالها

منصور ٿلهو

SAMBARA PUBLICATION HYDERABAD

# لاڙي لفظن جي موتين مالها

(لغت)

## منصور ٿلهو

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

كتاب نمبر 185
حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | لاڙي لفظن جي موتين مالها |
| موضوع: | لغت |
| ليکڪ: | منصور ٿلهو |
| ڇاپو پهريون: | آگسٽ 2019ع |
| تعداد: | هڪ هزار |
| ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: | شاهزيب ميمڻ |
| ٽائيٽل: | عبدالفتاح هاليپوٽو |
| ڇپيندڙ: | سمبارا پبليڪيشن |

سيد آرڪيڊ آفيس نمبر 8 عبرت گهٽي گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

ملهہ: 300


# LARI LAFZAN JI MOTIN MALHA
(Dictionary)


| | |
|---|---|
| **Writer:** | **Mansoor Thalho** |
| **First Edition:** | **August 2019** |
| **Quantity:** | **One Thousand** |
| **Composed By:** | **Shahzaib Memon** |
| **Title Design:** | **Abdul Ftah Halepoto** |
| **Published By:** | **Sambara Publication Hyd** |
| | **03003513966** |

# ارپنا

سُپت سَڄڻ ۽ اُستادن جي نالي

محترم سائِين: عطا محمد ڀنڀرو

محترم سائين: عبدالفتاح "شرجيل" هاليپوٽو

محترم سائين: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي "جمارِي"

محترم سائين: پروفيسر فتح محمد ٽيبو

ميڊم: پروفيسر ڊاڪٽر ناهيد پروين

محترم سائين: ڊاڪٽر رخمان گل پالاري

محترم سائين: ڊاڪٽر شير مهراڻي

# سنڌي زبان جي منفرد ناول نگار منصور ٿلهو جي ناول
# ”مٽي ۽ مُهاڻا“ جي مهورت
# اڪادمي ادبيات پاڪستان




The Famous Novel on the life of Fishermen Community Living in the coastal line o Sindh, including Karachi and Thatta, Titled "مٽي ۽ مُهاڻا" written by Mansoor Thalho was launched in Shamsheer_ul_haydry Pakistan Academy of Letters. Karachi on Thursday, March 2013, This program was Presided Over by Abdullah Hussain Haroon Ambassador of Pakistan in United Nations at that time and Ex_Federal Min_ister for Foreign Minister. The Chief Guests were Late Fatima Surraya Bajoya. The Famous Writer of Urdu Dramas and Mr.Mazhar_ul_Haq, Ex_Vice Chanceilor, University of Sindh, Jamshoro. The program was organized by Agha Noor Muhammad, Director of Pakistan Academy of Leters, Kara_chi and the Stage Secretary was Mr.Ghulam Mustafa Solangi, the Famous Writer of Sindhi and Urdu Books on Languages and Literature. The Welcome Address was presented by Mr. Jalil Khati, the Publisher of the Book.

Agha Noor Muhammad Pathan

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1. اداري پاران | ساجد سنڌي | 04 |
| 2. پيش لفظ | منصور ٿلهو | 05 |
| 3. مهاڳ: سنڌ جو منصور | فتح محمد شهزادو "فتح" ٽيهو | 11 |
| 4. ساجن ملي تن کي | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 14 |
| 5. رُڃَ ۾ رَڙيُون | آغا نور محمد پٺاڻ | 15 |
| 6. منصور سان گهاريل گهڙيون | ڊاڪٽر جليل ڪٽي | 19 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| • الف ۽ آ | 25 | • ز | 89 |
| • ب | 36 | • س | 90 |
| • ٻ | 39 | • ش | 97 |
| • ڀ | 43 | • ص | 99 |
| • ت | 45 | • ض | 100 |
| • ٿ | 47 | • ط | 101 |
| • ٽ | 48 | • ظ | 101 |
| • ٺ | 50 | • ع | 102 |
| • ث | 52 | • غ | 104 |
| • پ | 53 | • ف | 105 |
| • ج | 62 | • ڦ | 106 |
| • ڄ | 65 | • ق | 107 |
| • جه | 67 | • ڪ | 108 |
| • ڃ | 70 | • ک | 113 |
| • چ | 71 | • گ | 117 |
| • ڇ | 74 | • ڳ | 120 |
| • ح | 76 | • گه | 122 |
| • خ | 77 | • ڱ | 124 |
| • د | 78 | • ل | 125 |
| • ڌ | 79 | • م | 130 |
| • ڏ | 80 | • ن | 134 |
| • ڊ | 83 | • و | 136 |
| • ڍ | 84 | • ه | 142 |
| • ذ | 85 | • ي | 144 |
| • ر | 86 | | |

# اداري پاران

جڏهن به سائين منصور ٿلهو جو مسڪرائيندڙ چهرو سامهون اچي ٿو ته سندس باجهاري شخصيت جي سياءُ ۽ علمي ادبي قد ڪاٺ آڏو سر تسليم خم ٿيڻ تي مجبور ٿئي ٿو. هو بغير ڪنهن هام ۽ ڍيڪاءُ جي سنڌي ٻوليءَ ۽ سامونڊي ڪنارن تي آباد مهاڻن جي لهجن تي، ٻوءِ اهي لاڙ جا سامونڊي علائقا هجن يا آمريڪي سامونڊي ڪنارن تي آباد ماڻهن جي ڳالهائڻ جا لهجا ۽ اچار هجن، جنتي به رهيو آهي. پنهنجي ٻوليءَ جي خدمت کي عين عبادت تصور ڪيو آهي. دنياوي زخمن ۽ ان چور سندس اندر ڪڏهن به مٿس غالب نه ٿي سگهيو آهي جو هو اُف. آهه. رڙ يا ڪنهن شڪايت جي صورت ۾ پنهنجو اظهار لوڪ آڏو پڌاري سگهي. زندگي براءِ ٻوليءَ تي آڌاريل سندس گذرندڙ هر پل پٿر تي تراشيل ان مورتيءَ جيان آهي. جنهن جي پوڄا ته ڪري سگهجي ٿي. پر ڪيس روئاري يا کلائي نه ٿو سگهجي. دنياوي رشتن ۽ مغاشرتي روين تي اندر ئي اندر رت جا ڳوڙها ڳاڙيندڙهن جيئري جاڳندي ڪردار کي اها مجتنا نه ملي سگهي آهي، جنهن جو هو حق لهڻي.

سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ پاڻ پتوڙڻ واري جذبي سان سرشار سائين منصور ٿلهو جي علمي ۽ عملي جاکوڙ جو اندازو سندس شايع ٿيل ڪتابن ”جيون ليکا“ (ناول)، ”جي هانءَ نه هارين“ (چوند ڪهاڻيون)، ”زندگي پوڳ“ (ناول)، ”متي ۽ مهاڻا“ (ناول)، ”ريڙهي ميان“ (ناول)، ”سوکي بندر ۽ سامونڊي سور“ (سفرنامو) ۽ ”گذاپ جا گل“ (لغت) ۽هن ڪتاب ”لاڙي لفظن جي موتين مالها“ مان لڳائي سگهجي ٿو. جنهن ۾ ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ سان محبت ۽ انسيت کي ڪنهن به طرح درگذر نه ٿو ڪري سگهجي. سائين منصور ٿلهو پنهنجي جاکوڙ ۽ جستجو سان هڪ ڊگهي عرصي کان لاڙ جي سامونڊي پٽن تي راتين جون راتيون گذاري اتان جي ماڻهن، پٽن، ڍورن، چاڙن سان ناتو ڳنڍيندو پيو اچي. سائين منصور ٿلهو هينئر به سخت تڪليفن ۽ بيماريءَ باوجود آمريڪا ۾ به سنڌي ٻوليءَ جي سامونڊي لهجن ۽ سنڌي ماتريءَ جي لکتن کي ڪاغذي ڪئنواس تي چٽي رهيو آهي. دعا آهي ته شال سندس قلم جي رواني برقرار رهي ۽ زندگيءَ جي حقيقي خوشين مان لطف اندوز ٿي سگهي (آمين)

**ساجد سنڌي**

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

# پيش لفظ

**لاڙي لفظن جي موتين مالها...!**

سنڌ جي سامونڊي پٽي جي "پڇاڙ" وارن ماڻهن يعني لاڙ جي سامونڊ جي ڪناري ۽ پيٽن تي رهندڙ لاڙ جي ننڍين وڏن ڳوٺن جي ماڻهن جي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ واري انداز ۽ لهجن ۾ ٿورو فرق ضرور آهي پر سنڌي ٻولي جي ٻين لهجن اترادي، وچولو، ٿري ۽ ڪوهستاني لهجن کان بنهه جدا آهي، لاڙي ماڻهن جي لهه ۾ سنڌي ٻوليءَ جا پراڻا لفظ موجود آهن، اهي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۾ انهن لفظن جو ججهو استعمال ڪندا آهن. سامونڊي پٽي ۽ دريائن تي شڪار ڪندڙ ماڻهن جو اصل کان وٺي پاڻيءَ سان پيار رهيو آهي، هي سمنڊ جي لهرن سان صدين کان لڙون لڳائيندا، هلندا جيئندا رهندا آهن.

سامونڊي پٽيءَ ۾ مختلف اوڙڪن (ذاتين) ۽ پاڙن وارا ماڻهو رهندا آهن، پر روزگار جي حوالي سان سامونڊي ۽ دريائي ڌنڌو ڪرڻ جي سبب "مهاڻو" يا "مهاڻا" سڏبا آهن. هي ماڻهو پنهنجن اباڻن علائقن ڍورن، دريائن، ماڳن، مياڻين، چاڙن ۽ ڪناٺين کي پنهنجن نالن سان سڏيندا آهن.

مثال "ٻار" هن لفظ سان هڪدم معصوم ننڍڙي ٻار ڏانهن خيال هليو ويندو، هاريو ڪندڙ ماڻهو جو ان جي ڪوڙ يعني "ٻار" ڏي تصور هليو ويندو. اونده جي وقت روشني ڪرڻ جي لاءِ چوندا آهن، "ادا زهيب! تيلي کي ٻار روشني ڪر." لاڙ جا ماڻهو زمين جي آباد ٽڪر کي "ٻار" چوندا آهن، سج لهڻ کانپوءِ اڪثر مايون (عورتون) چونديون آهن، "لي! تيلي ٻار روشني تئي".

سامونڊي، دريائي ماڻهو ڪاري، ڍوري يا ڪنهن ننڍي درياءَ مان ٻي ڍوري جي منهن کي به "ٻار" چوندا آهن، اهڙا ڪيترائي لفظ آهن. جيڪي لاڙي ماڻهو روزانو ڳالهه ٻولهه ۽ ڪچهرين منجهه اچاريندا رهندا آهن.

سنڌ جي سامونڊي پٽيءَ ۾ شاهوڪار بندرگاهه هوندا هئا، انهن بندرگاهن جي اوج وارن ڏينهن ۾ لاڙ وارو علائقو گهڻو سُکيو ستابو ۽ خوشحال هوندو هو، جنهن جي خوشحالي پرڏيهي ملڪن تائين مشهور هئي.

سامونڊي پٽيءَ جي ماڳن ۽ دريائن جي ڪنڌين، ڪنارن، ٻيٽن تي مالن (جانورن) جون ڪڏڪاريون لڳيون پيون هونديون هيون، شام جو جانورن جي موٽڻ مهل چوڌرف چڙن جا سُريلا آواز ڪنڌين تي پڌرڻ ۾ ايندا هئا، ياڳيا (ڏٽي) پنهنجي ڍورن (جانورن) ۽ وڳ کي سجاڻي پڌندا هئا. هر طرف سائي پوک جي چادر وڇايل نظر ايندي هئي، لاڙي ماڻهن جي زندگيءَ ۾ خوشيون ئي خوشيون ۽ سُکن سان ڀري پئي هوندي هئي. سامونڊي پٽيءَ جي سادن، سباجهڙن ماڻهن ۾ ڏنگائي، ڦڏائي وارو عنصر موجود ڪونه هوندو هو.

رات جي وقت ڪنڌين تي اوطاقن منجهه ٻرندڙ مچ تي محبتي ماڻهن جون ڪچهريون ڏسڻ وٽان آهن، هي ماڻهو راڳ رنگ جا شوقين، شاعر، سگهڙ، لطيف جا پارکو، سک ونڊڻ جا ڪوڏيا، قريدار جن کان مهمانوازي ڪو سکي، هر ڪو ائين چوندو "مهمان مون جي اوطاق تي اچن" هُنن جا من مهمانن جي لاءِ آتا، سندن اوطاقن جا در رات ڏينهن کليل هوندا آهن. ڪنهن نه ڪنهن درياءَ جي ڪنڌيءَ تي ٻيڙائتن جي راڳ رنگ واري محفل متل هوندي هئي، سنڌ جي مهمانوازي صدين کان مشهور آهي. اهڙا مثال رگ ويد جي جهوني پستڪ ۾ ملن ٿا.

ڀيرومل مهر چند آڏواڻي، "قديم سنڌ" ڇپائيندڙ، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سال 2004ع، ڪتاب ۾ رگ ويد جي مختلف منڊل جي حوالي سان "مهمانوازي" ۽ "مانڌاڻي" جو ذڪر ڪيو آهي. ليکڪ ڀيرومل آڏواڻي "قديم سنڌ" ڪتاب صفحي نمبر 366 تي لکي ٿو ته:

"مهمانوازي! رگ ويد واري زماني ۾ ئي مهمانوازيءَ جو انگ اسان جن ماڻهن ۾ هو ۽ اهو هڪ فرض ليکبو هو، ماڻهن جي گهرن جا دروازا مهمانن جي لاءِ سدائين کُليل رهندا هئا. (رگ ويد، منڊل ٻهريون 128-6) مهمان گهر ۾ گهڙندو هو ته ان جو آدر ستڪار ڪندا هئا. هٿ ڏيندا هئس ۽ تڏي تي ويهاريندا هئس، هو پوءِ سنان ڪري رسوئي کائيندو هو، تنهن کانپوءِ پان کائيندا هئا. رهڻ جي لاءِ خلاصي ڪوٺي ڏيندا هئا. (رگ ويد، منڊل ٻهريون 1-72)"

"اترو ويد جي منڊل ستين (6-73) ۾ "گودهڪ" (Godhuk) لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، "ڳايون ڏهندڙ" هن مان سمجهجي ٿو ته ڪن

ڪترينديون." (قديم سنڌ-ص 285)

"رگ ويد ۾ ڪيترن هنڌن تي "پڻي" لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "وڻجارو" (وڻج ڪندڙ يا واپاري)، (قديم سنڌ – ص 234)

"ويدڪ زماني ۾ سنڌو ماترجا پڻي بئبلونيا، ميسو پوٽيا ۽ الهندي ايشائي هنڌن ڏي ويا" (قديم سنڌ – ص 300)

"رگ ويد واري زماني ۾ سنڌ جو پر ڳڻو اوني ڪپڙي جي ڪري مشهور هو." قديم سنڌ. (ص- 311)

"موهن جي دڙي ۽ رگ ويد واري زماني کان وٺي سنڌ جي سنڌ وارڪين الهندي ايشيا، مصر ملڪ ۽ يورپ سان وڻج واپار ڪري پنهنجي پر ڳڻي ڪي ملڪان ملڪ مشهور ڪري ڇڏيو هو ۽ دراوڙ بہ وڻج واپار ۽ جهاز راني ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئا" (قديم سنڌ - 316)

درياءَ ۾ هلندڙ ٻيڙا، هوڙا، سي ڪنڌين تي ٻاهر جا مڇ پرندي ڏسي، پنهنجا ٻيڙا، هوڙا ان ڪنڌي جي طرف لاڙي اچي اتي بيهارين پوءِ محفل جو مزو وٺڻ جي لاءِ ڪيئي ڏينهن راتيون تڪي پوندا هئا.

جڏهن سنڌو درياءَ شاهوڪاري ۽ خوشحاليءَ جو ظاهر بڻيو رهيو، تڏهن پنهنجي موج مستيءَ ۽ وجود جي هستيءَ سان هزارين ميل سفر ڪري لاڙ جي پٽن کي آباد ڪندو، هارين، نارين، ڪڙمين ڪاسبين، مالوند ماڻهن جي منهن تي مرڪن سان سُرهاڻ پکيڙي ڇڏيندو هو، لاڙ جي ماروئڙن کي خوشين جا انبار، ان جا ڪوڙ خوشين جا جهول ڀر ڏئي اڳتي وڌندو، سمنڊ سان ٻاڪرين پوندو هو، جڏهن سمنڊ کي سنڌوءَ درياءَ جي وڏي سِڪ محبت هُجي.

جڏهن بہ سمنڊ جون ڪاريون لهرون، ويرون جوش ۾ اچي لاڙ جي وسندين جو رخ ڪنديون هيون تہ سنڌو درياءَ هميشہ انهن لهرن جي آڏو اڏ (رڪاوٽ) بڻجي بيهندو هو.

جڏهن سمنڊ جوش ۾ ايندو هو تہ ان جي ڪاري پاڻيءَ سان سنڌو درياءَ جي مٺي پاڻي جو ٽڪراءُ ايڏو زور دار ٿيندو جو ان علائقي ۾ "اڇ" ٿي ويندي هئي، هر طرف پاڻي ئي پاڻي ڏسڻ ۾ ايندو هو، پوءِ سمنڊ جي پاڻيءَ کي اڳتي وڌڻ جي مجال نہ ٿيندي هئي.

جڏهن اڇ جو پاڻي پٽن تان لهي ويندو هو يا ٿورو بچندو هو تہ پري

ماڳ، بندر، تڙ ڦٽي ويا آهن.

پوءِ بہ مهاڻا ڪاري پاڻيءَ ۾ مڇيءَ جو شڪار ڪندا رهن ٿا. رات جي وقت ۾ انهن سان ڪچهري ڪندي ائين لڳندو آهي تہ هي وڏا بهادر ماڻهو، اهڙين ڪارين حالتن ۾ بہ همت سان هلندا ۽ سمنڊ جهاڳيندا رهن ٿا. سندن چهرن تي اجان بہ اميد جا اولڙا پسيندو آهيان. هڪ وڏي عمر واري ناڪئي ٽنڊو ساهہ پري چيو "هڪ پنهنجا ويري، پيو ڪارو پاڻي ويري، اهي ٻئي گڏجي پيا تہ لاڙ جي سونهن مروڙجي ويئي ۽ سامونڊي پٽيءَ جو ساهہ گهٽجي ويو. مهاڻن جي زندگي ڪٽي پئي."

هنن ماڻهن جي اندر منجهہ ڏک جون ڏوريون هونديون بہ مرڪي ڪچهريون ڪندا آهن. آئون لاڙ جي پٽن تي هلندي ويران ڪنڌين، ڪناٽين تي ڪجهہ گهر ڏٺا. انهن ماڻهن سان ڪچهريون ڪيون، تڙن تي رهندڙ ماڻهن سان ملاقاتيون ۽ ميڙاڪا ڪندي لفظ ڪٺي ڪيا، "لاڙي لفظن جي موتين مالها" ڪتاب جوڙيو، اجا ڪيترا ماڳ، ميهاڻيون، تڙ ۽ ننڍا وڏا ڳوٺ ۽ شهر رهجي ويا آهن، ڪنهن ٻي ڀيري انهن هنڌن تي ويندس.

هي ننڍڙو پورهيو، پڙهندڙن جي اڳيان آهي، اهي ڪيئن ڏسن ٿا، انهن تي ڇڏيان ٿو.

هن پورهئي ۾ استادن، سڄڻن دوستن ۽ ياٿرن سات ڏنو، انهن کي ياد ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهان ٿو.

مانوارن استادن، سائين عطا محمد ڀنڀرو، سائين ڊاڪٽر محمد علي "مانجهي، سائين فتح محمد ٽيپو، سائين عبدالفتاح هاليپوٽو، سائين ڊاڪٽر شير مهراڻي ڪراچي يونيورسٽي سنڌي شعبو، سگهڙ باقر خان مروا بلوچ، ماستر ڪرم علي، جليل ڪٺي، رفيق ڪٺي، ابو واڍو، محمد حسن گهچ، شفيع محمد مرگهر، عبدالله مرگهر، لطيف بلوچ، ڊاڪٽر منير احمد ٿلهو، آفتاب احمد ٿلهو، ڊاڪٽر بخشل ٿلهو، سجاد ٿلهو، صغير (نويد) حسين ٿلهو، واجد علي ٿلهو، نجيب ٿلهو، ماجد علي ٿلهو، محمد علي پنهور، آغا نور محمد پٺاڻ، علي آڪاش، سمبارا پريس جي دوست ساجد سنڌي ۽ شاهزيب ميمڻ جو پڻ ٿورائتو آهيان.

**منصور ٿلهو**

# ساڃن ملي تن کي

سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان عشق ڪندڙ منصور ٿلهو ڪافي وقت کان سنڌ جي لاڙ وارن پٽن، سو بہ خاص ڪري سنڌ جي سامونڊي علائقي تي تخليقي ۽ تحقيقي ڪم ڪري رهيو آهي. چوڏهن پندرهن سالن کان انهيَ پسمنظر ۾ سندس ڪهاڻيون، ناول ۽ ٻيا ليک، ڇپجندا ۽ پڙهندڙن تائين پهچندا رهيا آهن. "مٽي ۽ مهاڻا" ۽ "ريڙهي مياڻ"، سندس ناول آهن ۽ ايئن "سوڪي بندر ۽ سامونڊي سور" خوبصورت سفرنامو آهي، پر سچ پچ تہ اهي ٽيئي ڪتاب ڄڻ هن علائقي جي ماڻهن جي سماج ڪٿا آهن، دردن جا داستان آهن ۽ تاريخ آهن. منصور لڳاتار ڪڏهن لارين، ڪڏهن ٻيڙين ۾ تہ ڪڏهن پيرين پنڌ ڪري، اُتي وڃي سامونڊي علائقن جي شهرن، ڳوٺن، وستين، واهڻن، ڪارين، ڍورين ۽ ڍورن جون ياترائون ڪري، پنهنجي ڪتابن لاءِ ماڻڪ موتي ميڙيا آهن. هن انهن ڪتابن ۾ ماڳن، مڪانن کان وٺندي سامونڊي وستين جا نالا بہ اصل ڏنا آهن. اجان بہ ٿورو گهرائي سان ڏسبو تہ سندس ناولن جا ڪردار بہ اصلوڪا ۽ سچا آهن. ناولن سان گڏ پاڻ هڪ ڪتاب "اکر ٻتي" جهڙي لغت بہ سهيڙي ڇپائي پڙهندڙن کي ڏني، جيڪو پڻ ٻوليَ جي حوالي سان هڪ اهم ڪتاب آهي. منصور هڪ مهم جُو ماڻهو آهي. آئون سندس انهن مڙني مرحلن جو شروع کان شاهد آهيان. هو هڪ اڻٿڪ ۽ سچو شخص آهي، جنهن سدائين سچ سوديو آهي. اُها سچائي سندس هر لکت ۾ نمايان آهي. هُو سنڌ ۾ هُجي توڙي آمريڪا ۾ هجي، سنڌ سدائين سندس ساهن ۾ رهي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هُو ڏور ڏيهہ ۾ رهي بہ لڳاتار سنڌ بابت ڪم ڪري رهيو آهي. ساڻس جڏهن ۽ جتي بہ ملبو يا فون تي ڳالهائبو تڏهن ڪيس پچار مڙئي ان ڪم جي هوندي.

وٺي ور نہ پون، سُتي ملن نہ سُپرين
جي مٽي رَندَ رُون، ساڃن مل تن کي،
(شاهہ لطيف)

منصور جو هيءُ ڪتاب "لاڙي لفظن جي موتين مالها" سنڌي ٻوليَ جي

لاڙي لهجي اجان بہ ايئن چئجي تہ لاڙ جي ساموندي علائقي جي لغت آهي، جنهن ۾ هن هتي جا لفظ موتين وانگر چونڊي محفوظ ڪيا آهن. توڙي جو انهن لفظن مان ڪيترائي لفظ سنڌ جي ٻين ڀاڱن ۾ بہ سمجهيا ۽ ڳالهايا وڃن ٿا، پر هن علائقي ۾ انهن جو استعمال ڪافي مختلف آهي جيڪو وڏي محنت سان اسان جي دوست منصورَ ڏنو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جيلفظن سان گڏ ڪيترائي اهڙا اسم بہ ملن ٿا جيڪي شايد ئي ٻي ڪنهن هنڌ ملي سگهن. مثال طورڪتاب ۾ ڪيترين ئي ڪارين ۽ ڊورين جا نالا ڏنا ويا آهن جيئن: ٻانجهي، پڪيئڙو، جُري، جهپَ، جهولَ، چاڳلو، ڇَن، ڊبو، ڏوڏاٽي، ڏٻي، ڏنبري، ڏوڙ، رنتي، رپڙ، سوداگر، سُڪيڙو، سيتل، ڪائر، ڪانگ واري، ڪانگٽي، ڪانتو، ڪٽند، گابار، گٿو، مَنگر وارو، وِلاسيو وغيره. حقيقت ۾ سنڌي ٻوليَ جي هن پاسي تي تمام گهٽ ڪم ٿيو آهي. توڙي جو هن قسم جي ڪم تي گهڻي گنجائش آهي، تنهن هوندي بہ منصور ٿلهي هيءَ ڪم ڪري سچ پچ تہ هڪ رڪارڊ قائم ڪيو آهي.

**ڊاڪٽر محمد علي مانجهي**
10 مئي 2019ع

# رُڄَ ۾ رَڙيُون

سوکي بندر کان کيٽي بندر تائين ساموندي سورن جو سفرنامو
کيٽي بندر جي تعمير جون ڳالهيون شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي دور
کان شروع ٿيون هيون ۽ ان جي زماني ۾ ئي ان جي تعمير جو هڪ
منصوبو جڙيو هيو جنهن جي خبر نہ آهي تہ اُها تعمير هاڻي ڪٿي پهتي
آهي. ان کانپوءِ بحريہ تائون وارو منصوبو تہ 3 سالن ۾ مڪمل ٿي ويو
جيڪو هينئر ڪراچي کان وٺي ڄامشوري ضلعي تائين پهتو آهي ۽
هوڏانهن ٻئي پڌرڻ ۾ آيو آهي تہ هاڻي ان کي الڳ ضلعي جو درجو ڏيڻ
واريون ڳالهيون هلي رهيون آهن پر کيٽي بندر ڪو نہ ٺهيو. آمريڪا ۾
رهندڙ اسان جو هڪ دوست منصور ٿلهو جنهن جو سنڌي ٻوليءَ جي
ساموندي ڪنارن ۾ ڳالهائيندڙ لهجن ۽ اتي رهندڙ ميربحرن، مهاڻن ۽
جتن جي ثقافت تي وڏو ڪم ڪيو آهي ۽ ”منيءَ ۽ مهاڻا“ جي عنوان
سان هڪ شاندار ناول لکيو هيو جنهن جي مهورت جي تقريب اسان
اڪيڊمي ادبيات پاڪستان پاران ڪراچيءَ ۾ ان وقت جي گڏيل قومن
واري اداري ۾ پاڪستان جي سفير ۽ سابق اسپيڪر سنڌ اسيمبلي
عبدالله حسين هارون کان ڪرائي هئي ۽ ان ڪتاب جي ٽائيٽل جون
تصويرون بہ فريم ڪري اتي لڳرايون هيون. جيڪي هاڻي اتي نظر
نٿيون اچن. ليکڪ ان کانپوءِ ”ريڙهي مياڻ“ ناول بہ لکيو جنهن ۾ لاڙي ۽
سمنڊ جي ڪناري تي رهندڙ ماڻهن جي گفتگو ۽ لهجي متعلق حوالا
لکيل آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ان لاڙي لهجي جي نج لفظن تي مشتمل
”اڪر پٽي“ جي لغت بہ لکي آهي جيڪا اڻ جي اڻ ٽڪ محنتن ۽ سنڌي
ٻولي ۽ ادب سان بي انتها عشق جو اظهار آهي. هن ليکڪ جو هاڻي واري
تازو ڪتاب ”سوکي بندر ۽ ساموندي سور“ جي عنوان سان ڊسمبر
2017ع ۾ سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد پاران شايع ڪيو ويو آهي.
ڪتاب جي بيڪ ٽائيٽل تي سنڌ جي قديم آثارن ۽ تاريخ جي ماهر
محترم عطا محمد ڀنڀرو اها ڳالهہ ٻڌائي آهي تہ سنڌ ۾ ڪنهن وقت 19
وڏا ساموندي بندرگاهہ هيا ۽ انهن جو واپار دنيا جي وڏن ملڪن سان

هوندو هيو ۽ وري 100 جي تعداد ۾ ننڍا پتڻ بہ هيا جيڪي ٺٽي کان ملتان ۽ ديرا اسماعيل خان تائين مختلف سامان ۽ وکر کڻي ايندا ويندا هيا. هن سفرنامي ۾ ڊاڪٽر جليل ڪتي سنڌو درياءَ مان نڪتل مختلف 58 ننڍين ڦاٽن جا نالا ڏنا آهن جن کي اتان جا ماڻهو درياءَ ئي چون ٿا. اهو هڪ سنڌ جي ترقي ۽ تعمير وارو دور هيو جيڪو ڪلهوڙن جي زماني تائين تہ عروج ۾ رهيو پر انگريزن جي زماني تائين بہ اهو سلسلو جاري رهيو. اسان خود شڪارپور کان سکر درياءَ گهمڻ ويندا هياسين تہ سکر جي بندر روڊ تي ڪيترا پيڙن جا پتڻ نظر ايندا هيا جتان پيڙن ۾ اناج، ڪاٺي ۽ جانور سنڌ جي مختلف شهرن ڏانهن ان دريائي رستي سان موڪليو ويندو هيو. عطا محمد ڀنڀري جي مطابق سنڌ جو اهو تجارتي سلسلو اولهہ ۾ يورپ تائين ۽ ڏکڻ ۾ مصر تائين هلندو هيو. لاڙڪاڻي شهر ۾ بہ هن محل تائين هڪ بندر رڊ موجود آهي. هن ڪتاب ۾ سوڪي بندر جو ذڪر ٿيل آهي جيڪو هڪ سفرنامي جي شڪل ۾ اسانجي دوست "منصور ٿلهي" ان علائقي جو رات ڏينهن سفر ڪري پيڙن ۾ وڃي ماڻهن سان ڪچهريون ڪيون آهن ۽ سوڪي بندر جا اهي آثار ڏنا ۽ لڏي ويل ماڻهن جا سامونڊي سور ان سفرنامي ۾ پڙهڻ وٽان آهن. جيڪي هن ڪتاب ۾ ليکڪ محفوظ ڪيا آهن ۽ هتان لڏي ويل ماڻهن سان ڪچهريون ڪري قلم بند ڪيا آهن. اهڙي ئي طريقي سان مونکي اهو زمانو ياد آهي جڏهن حافظ محمد صديق ميمڻ جي دعوت تي اسان ڪراچيءَ منجهان ڪيتي بندر گهمڻ ويا هياسين تہ اتي بہ ڪيتي بندر شهر ۾ ڪجهہ گهر ڊٺل ڏناسون ۽ هاڻي اهي اميدون پيدا ٿيون هيون تہ محترمہ ۽ شهيد ڀٽي جي نالي تي نهيل حڪومتون اهي پراڻن آثارن کي وري نئين سر آباد ڪنديون ۽ ڪيتي بندر بہ ٺهندو جيئن ڪنهن زماني ۾ سوڪي بندر ۽ سڪيو ستابو بندر هيو. جنهن ۾ بازارون، هُنر، هُنرمند ۽ ثقافتي سرگرميون بہ هيون.

مون 20 سال پهريون پنهنجي دوست ڊاڪٽر عبدالقادر سومري سان گڏجي ڪجه دوستن جي دعوت تي سمنڊ جي اندر هڪ پيٽ ۾ لڳل "ابراهيم شاهہ واڙي واري" جو ميلو ڏٺو جيڪو ميلو ٽي هيو ان ٽن ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي پيڙين جو هڪڙو شهر آباد ٿيل هيو جيڪو

ان ٻيٽ جي چوڌاري سون، هزارن جي تعداد ۾ سنڌ ۽ بلوچستان کان آيل هيون جتي مون پهريون دفعو جتن جي ٻولي ۽ لباس ڏٺو ۽ اتان جي ثقافت جو اندازو ٿيو ته پهريان اسان سرائڪي ٻوليءَ کي جتڪي ٻولي سمجهندا هياسين، اتي وجي خبر پئي ته جتن جي ٻولي الڳ آهي ۽ ميرپورساڪري کان ابراهيم شاهه واڙي واري 8 ڪلاڪن جو ٻيڙيءَ ۾ سامونڊي سفر ڪندي چانورن جي ماني سان درياءَ جي مڇي کائيندي ۽ شاهه لطيف جو ڪلام ٻڌندي هڪ خاص لطف حاصل ٿيو هيو.

هن ڪتاب پڙهڻ سان سوڪي بندر جو به اهو منظر ياد آيو ته اتي به ائين ئي رات ڏينهن رونق لڳل هوندي. چون ٿا ته هن بندرگاهن کي اتان جا ماڻهو سنڌ جو ڪشمير چوندا هيا ۽ امن امان جو اهو حال هيو ته اتي ڪو به پوليس ٿاڻو ڪو نه هيو ۽ سنڌ ۽ هند جا فنڪار اتي ايندا هيا. جن کي سوڪي جا هندو واپاري گهرائيندا هيا جن ۾ لتا، رفيع، سليمان شاهه، جيوڻي، مائي ڀاڳي ٻيڙين ۾ چڙهي ايندا هيا. سوڪي بندر جي آس پاس سون جي تعداد ۾ ڳوٺ موجود هيا. جتان جا ماڻهو مزدوري ڪرڻ ۽ ٻين ڪم ڪارين جي لاءِ ايندا هيا. هي بندر سنڌوءَ جي ڇوڙ واري علائقي جي خوبصورت ڇڇن ڦاٽن جي وچ ۾ سنهڙي ۽ ميرواهه جي وچ ۾ هيو. ڊاڪٽر محمد علي مانجهي جيڪو ان علائقي جو باشندو آهي ۽ سنڌ جي ثقافت کاتي ۾ ڊائريڪٽر جنرل به رهيو آهي. ان جي مطابق 1980ع تائين هن شهر جا آثار هن ڏٺا هيا جنهن کي هاڻي سمنڊ کائي ويو آهي. ان جي مطابق هتي سارين جا ڪارخانا به هيا، هٽ جي هنرن ۽ مٽيءَ جي ٿانون ٺاهڻ جا ماهر ڪنڀار به رهندا هيا. جيڪي نڪر جا ٿانو، ڏياٽيون، پاٽڙا، پاٽڙيون، ٻارا، ٻاريون، ڪنيون، ڪنا، مٽ، مٽيون، ڪَرا، بدنا، گهاگهرون، وٽيون، پيالا ۽ ٻارن جي رانديڪا ٺاهيندا هيا. ان کان علاوه "ٻَنَ" جيڪو هڪ گاهه جو قسم آهي اهو گهڻو مشهور هوندو هيو جيڪو پرپاسن ۾ رهندڙ ماڻهو ان جا پيڙا پرائي ڪٽي ويندا هئا. هتي ڀن تمام گهڻي ٿيندي هئي جنهن مان اتان جا مقامي ماڻهو تڏا، تنوريون، ڇِلون، ڇلَ، چليون، هٽ وارا پکا، ڇِڪون، پڙش الڳ الڳ نمونن سان چٽ ساليون ڪري ٺاهيندا هيا جيڪي ڏسڻ وٽان هوندا هيا. سوڪي بندر تي اُنن پالڻ ۽ واپار ڪرڻ جو ڪم خاص طور تي جت ڪندا هئا جيڪي

صدين کان وني هن ساموندي پٽيءَ ۾ اهو ڏندو ڪندا اچن ٿا. اتان جا ماڻهو اهو ٻڌائن ٿا تہ سوڪي شهر ۾ واپار جو وڏو چلتو هلندو هيو ۽ هتي بہ ٻنپور ۽ ڪيٽي بندر وانگر سوين هزارين ٻيڙا هلندا هئا. ڪسٽم جو آفيسون، ڪالونيون، بينڪون، ڪاروباري ادارن جون بينڪون هونديون هيون. جتان روزانو هزارين ٽن چانور، ڪڻڪ، مڇي، ڪڻڪ ۽ ٻيو اناج ڏيساور روانو ڪيو ويندو هو. هتي بہ ڪيٽي بندر وانگر سوين سنڌي وڻجارا، سوٽي ڪپڙو، ڪپهہ، ڪڻڪ، چانور، پرت پريل گج، سُوسيءَ جو ڪپڙو، ڪيس، لوہون، اجرڪ ۽ ٻئي سامان سان ٻيڙا پرائي واپار خاطر ڏيساور مسافري تي روانا ٿيندا هئا. اهڙي منظر جي دلڪشي لطيف سائين هن بيت ۾ پڻ ڪئي آهي:

ڪاري ڪيڙائُو، مَٿي مِٺي موتيا،
سودو ڪَنِ نہ سونَ جو، وَڏا وِهائُو،
موتي جي مَهراڻَ جا، تِن جا طاماعُو،
سامُونڊِي سائُو، لَنڪا لوہي آئيا.

سوڪي بندر ڪي بہ سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ اهڙو سوڪهڙو وڏو جو پاڳين جا مال بہ ويا ۽ واپارين جا وٿاڻ بہ ويا. سمنڊ جي ڪاري پاڻيءَ ڪيترا شهر ڦٽائي ڇڏيا آهن جن ۾ سوڪي جهڙو خوبصورت بندر بہ شامل آهي ۽ هاڻي ڪيٽيءَ جو تاريخي شهر ۽ بندر بہ سمنڊ جي گهيري ۾ آيل آهي ۽ سمنڊ روزانو 100 ايڪڙ زمين درياءَ جي انهن ڦاٽن ۾ پاڻي نہ هجڻ جي ڪري ڳڙڪائي رهيو آهي ۽ هن وقت تائين 7500 چورس ڪلوميٽر ۽ 15 لک ايڪڙ زمين انڊس ڊيلٽا ۾ سمنڊ اندر غرق ٿي چڪي آهي جيڪي ضلعي ٺٽي ۽ بدين سان تعلق رکي ٿي. جيئن شاهہ بندر، لاهري بندر، جا نالا ڪتابن ۾ لکيل آهن پر هاڻي انهن جو وجود ڪونهي. بقول پٺاڻي سرڪار جي:

نہ سي تڙ هوڙاڪَ، نہ وايُون وَڻجارَنِ جُون!
سَرتيُون سامُونڊِين جا، اَڄُ پِڻُ چِڪِيَم چاڪَ،
مارِينِم فِراق، پاڙيچيُون پِريُن جا.

**آغا نور محمد پٺاڻ**

# ليکڪ منصور ٿلهو سان گهاريل گهڙيون

آئون جيئن ئي ٺٽو مان پوليو جي ميٽنگ ڪري واپس ڳوٺ ڪاروچاڻ آيوس تہ بابا سائين ٻڌايو تہ منصور ٿلهو آيو هو. تون ئٽي ويل هئين. منصور رات رهيو، ان سان حال احوال ڪياسون.

صبح جو رحيم بخش سان گڏجي ڪاروچاڻ جي ڪارن پٽن تي هلي چلي، گمي ڦري، اُجڙيل ماڳ، مڪان ڏسي اُتان جي ماڻهن سان ملي جلي احوال قلمبند ڪري شام جو واپس هليو ويو ۽ وري واپس اچڻ جو چيائين، منصور ڪڏهن نہ ڪڏهن ايندو ضرور، تون ان سان ملجانءِ، هو ڊورا ڊنڊيون ڏسڻ گهري ٿو.

4 ڊسمبر 2004ع سياري جي منڊ ۾ ڪارو چاڻ ڳوٺ ۾ ڊسپينسري جي سامهون ڪاري پاٽيءَ جي تلاءَ تي نظرون ڄمائي، هن تلاءَ جي ماضيءَ بابت سوچن جي سمنڊ ۾ گم هوس، ايتري ۾ هڪ اڻ ڏٺل شخص اچي سلام ورايو، ان سان مليس حال احوال ڪياسون. ايتري ۾ بابا سائين اچي ويو. جنهن چيو هي ساڳيو منصور آهي، جنهن جي باري ۾ توکي ٻڌايو هو، پوءِ باباسائين ۽ منصور پاڻ ۾ ڪچهريون ڪندا رهيا. آئون گهر وڃي ماني ٽڪي ٺهرائي ڪٺي آيس. خيرن سان رات گُذاري، ٻئي ڏينهن صُبح جو پائو منصور سان پراڙئين ڪنڌيءَ تي سجڻ واري، ٺاريواري ديهن جا ڳوٺ گهمندا، اتي رهندڙ مختلف اوڙڪن (ذاتين) جي ماڻهن سان قرب ڪچهريون ٿيون. مهاڻن جي سامونڊي زندگيءَ بابت داستان قلمبند ڪيا. پوءِ "ڊانڊو" جي ٽڙ تي آياسين، جتي جي مسڪين ماروئڙن، ابوجهہ انسانن، وقت جي قهري ويرين جا وڍ کاڌل، انهن جي اکين ۾ سورن جا سٽا سمايل هُجن. انهن جا وجود غم، غمگين، ڏکن ۽ ڏتڙيل ۽ سورن جي سنگهرن ۾ جَڪڙيل هُجن. تن جا اندر ڪاري جي پٽن وانگر اُجڙيل هجن. اهي اهڙين حالتن ۾ زندگي گهاريندي بہ آيل مهمانن سان مرڪي ڳالهائي رهيا هئا. ماضي ۽ حال جون ڳالهيون ڪندا، مستقبل جا "اونا"، "وسوسا"، پڻ بيان ڪندا رهيا.

"ادا! اڳتي هلي ڪاري (ڪاري پاٽيءَ جي) جي وڍن ۾ اسان جي نسل جو ڇا ٿيندو...!؟

ڪ اسان جو ٿيندو؟ توئين اسان جي درد ڪٿا ڪ ڇاڻو...!؟ ڪُڇاڙ ڪڻنيدا...؟

انهن ماڻهن جون ڳالهيون ڪريون ۽ سچيون لڪندا رهياسين، رات جو ڊانڊي تڙ تي رهياسين. منصور اُتان موڪلائي واپس ٺٽو نوڪريءَ تي هليو ويو. موڪلائڻ وقت چيائين.

"ادا! مان هلان ٿو، سانوڻيءَ ۾ ٻه ٽي ڏينهن موڪل ڪري ڪارو ڇاڻ ايندس، پوءِ ڪنهن ٻئي ماڳ ۽ دريائن جي ڪنڌين تي هلنداسين."

انهاري جي ساوٽي رُت ۾ هڪ ڏينهن منصور ٿلهو وري ڪارو ڇاڻ ۾ مون وٽ آيو، ڳالهين ڪندي چيائين.

"ادا! ساموندي پٽيءَ جي ماڳن، مڪانن، تاريخي آثارن حاليه جيوت جو پس منظر ڏسڻ ۽ لکڻ جي لاءِ هت آيو آهيان، سو نهايت پريشان آهيان، ٻيڙيءَ جو انتظام ڪري وٺي هلو."

آئون ٻيڙي جو بندوبست ڪيو، ان وقت رات ٿي چڪي هئي.

صبح جو سوير ڪارو ڇاڻ جي پتڻ تان ٻيڙي ۾ "قات درياءَ" مان هلندا، اتر ۾ هڪ ننڍڙو درياءَ "وڏڪٽند" مان هلندا اچي دريائن جي اجڙيل ڪنڌين، ويران پٽن ڪي ليکڪ منصور ٿلهو ڏسندو پنن تي لکندو رهيو، ڪنهن وقت ٻيڙيءَ جي ڪڻ ۾ ويٺي لکيائين ته ڪنهن مهل شڪاڻ تي ويهي پنن تي لکندو رهيو، ڪنهن گهڙيءَ ٻيڙيءَ جي مهري تي اچي لکڻ لڳو، انهيءَ دوران گفتگو پڻ ڪندو رهيو، ناڪئي ۽ ڀانڊاريءَ (بورچي) سان حال احوال ڪندو، انهن کان پڇندو لکندو رهيو. درياءَ منجهه ٻيڙي هلندي رهي، ڪنهن وقت واءُ تيز لڳو ٿي ته ناڪئو ڪنڌيءَ جي طرف ٻيڙي ڪري آهستي پاسو وٺي هلندو ٿي رهيو.

شام جو دبائي جتن جي ڳوٺ ۾ لنگر انداز ٿياسين، ٻيڙي جي آواز تي ڳوٺ وارا ماڻهو ڪنڌيءَ جي طرف ڊوڙي آيا، اسان کي اوطاق تي وٺي ويا، پوءِ هوري هوري ٻيا ٻه ڳوناٺا وڏي عمر وارا اچي پهتا، پاءُ منصور اوطاق مان اٿي درياءَ جي ڪنڌيءَ طرف ويو، سج لهڻ وارو منظر درياءَ منجهه سج جي پڇاڙڪن اولڙن جا عڪس ڏسڻ لڳو، ڪنهن وقت درياءَ منجهه ته ڪنهن گهڙي درياءَ جي ڪنڌين کي ڏنائين پئي، پوءِ هڪ ڳوناٺو اٿي وڃي سائين منصور ٿلهو کي اوطاق ۾ وٺي آيو، ايتري ۾ ماني اچي وئي، ماني کائڻ، کانپوءِ ڪچهري

شروع ٿي.

ڪڇهري ۾ ٻُوناٿن پنهنجو ماضي بيان ڪيو تہ، هيءَ سون جهڙيون سهڻيون ڪنڌيون ڪنارا ۽ محبتي، ماناڻتا ماڳ ڪيئن ڪارا ٻڇجي سمنڊ جي بي رحم لهرن، ويرن جي ور ٿي ويا. رات دير تائين ڪچهي هلندي رهي، منصور انهن احوال لکندو پنن تي مهاڻن جا لفظ ۽ ڳالهيون نوٽ ڪندو رهيو. دبائي جتن جو لهجو ڪارائي لهجي ڪان مختلف هيو.

ٻئي ڏينهن صبح تي رواند ٿياسين، "وڏ درياءَ" مان هندا، چام واري ڍوري ۾ داخل ٿياسين، جتي "چام واري مسجد" جا قديم آثار، پڪين سرن سان ڍٺل حالت ۾ ڏسي، پوءِ اڳتي هلندا گابار درياءَ ۾ آياسين، گابار درياءَ مان هلندا اچي سوکي بندر کي سامهون ٿياسين، اڳيان نديڙو ڍور هيو، ٻيڙي کي اتي بيهاريو لهي پياسين، ڍوري ۾ گهڙي پار وڃڻ لڳاسين، اوچتو ڀاءُ منصور جهٽڪو کاڌو تہ مون ناڪئي منصور کي ڪلهن کان جهلي ٻاهر ڪندي تي آندو تہ ڇا ڏسون، هن جي پيرن مان رت وهي رهيو هو، مون جانچي ڏٺو ۽ سمجهي ويس تہ گپ ۾ گهاڙ تان پير آيس ۽ وڍجي ويوس، اسين سوکيءَ جي پٽن تي هلندا رهياسين، منصور جي پير مان رت وهندو رهيو، پر هن کي پير وڍجڻ جو ڪو خيال ڪونہ هجي، اسان سان ڪچهريون ڪندو هلندو رهيو، سوکيءَ جي پراڻن ڦٽل آثارن وٽ آياسين، جيڪي ڏسندي منصور جي اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا. "هي شهر بندر بازاريون ڪاري پاٽيءَ ڪيئن غير آباد ڪري ڦٽائي ڇڏيا، سي مٺي پاٽيءَ ڪانسواءِ هنن پٽن جي سونهن مروڙجي وئي آهي."

سوکيءَ جي پٽن تان گهمي ڦري واپس ڍوري مان گذري ٻيڙيءَ تي آياسين، اسان سفر جاري رکيوسين، مُنٽي درياءَ جي اوپر طرف کان نانگ واري نالي درياءَ مان هلندا، آڏيائي درياءَ ۾ داخل ٿياسين، پاندياري ڇانھ تيار ڪئي، منصور سڪاڻ تي ويٺو ناڪئي سان ڪچهري ٻئي ڪئي، هن جي هٿن ۾ پين پنو هيو، ڳالهيون لکندو، ان کان حال احوال پڇندو رهيو، پاندياري ڇانھ جي چلي منصور کي ڏني، هي ڇانھ ڪٽي مهريءَ وٽ آيو، اسين ٻئي گڏ ڇانھ پيئڻ لڳاسين. درياءَ منجھ نديڙين مڇين جي راند کي ڏسندو رهيو، مڇي جا چلر چانديءَ جي ورق جهڙا هُجن.

درياءَ جي ڪنڌين سان تمر جا نديڙا نديڙا وڻ هجن، منصور چانھ پيئندو، ڪنڌين جي ويران پٽن تمر جي وڻن کي ڏسندو رهيو، هاڻ اسين

ڪريڪ ڪاڻر ۾ داخل ٿياسين، درياءَ جي ڪنڌي وٽي هلندا رهياسين، درياءَ منجهه پيا هوڙا هجن، اهي هتان سان ڪيڪار ڪندا، هلندا ويا. ٿوري دير ڪانپوءِ اسين "پاڳ فقيرائي" جتن جي ڳوٺ ۾ پهتاسين، پنهرن جي ماني اتي کاڌي، ڳوناٽن سان ڪچهري ڪئي، پوءِ اڳتي سفر جي تياري ڪئي، انهن کان موڪلائڻ وقت سامهون پٽن تي اٺن جا وڳ، مينهون، ٻڪريون، رڍون ڏٺيون، اسين ٻيڙيءَ ۾ ويٺاسين، ڳوناٽا ڪنڌي تي آيا، هٿ لوڏي تن کان موڪلائي ڪاڻر درياءَ ۾ هلڻ لڳاسين، درياءَ منجهه ٻيڙي هلندي رهي، تيز لهرن جا لوڏا ٻيڙيءَ کي ائين لوڏيندا رهيا، جيئن امڙ جيجل پينگهه ۾ لوڏيندي هئي. آسمان ۾ ڪڪر ڪني ٿيندا، هلڪي هلڪي بوند اسان جي مٿان وسائيندا ٿي ويا، هاڻ اسين باغ واري درياءَ ۾ داخل ٿياسين، اوچتو ناڪئي ٻيڙي بيهاري ڇڏي، چيائين "آئون رڇ پوکي پاڻي ۾ مڇي ٿو ماريان." واقعي اسان جي ڏسندي ناکئوءَ پانداري (ناکئي جو پٽ) ٻئي پاڻي منجهه لهي ويا، پنهي جڻن رڇ پوکيو، پوءِ رڇ کي سوڙهو ڪندا آيا، نيٺ مٿي ڪنيائون تہ "ڦاڙ مڇيون، ڇڏيون مڇيون، پنج ڪلن جيتري مڇي ڪٽي اچي ٻيڙي ۾ چڙهيا، مڇي وڍجي رئي، ڪل ۾ ٿانئو پريوبو، ٿوري دير ڪانپوءِ پانداري مڇي جو پوڙ ۽ مانيون تيار ڪري ڪٽي اسان کي ڏنائين، اسان ماني کائڻ شروع ڪئي، تازي مڇيءَ جو مزو پنهنجو هيو. منصور مڇي کائيندي چيو پانداري واهہ جي مڇي پچائي اٿئي.

منصور چيو، "ادا جليل! مڇي کائڻ جو مزو جيڪو ٻيڙيءَ ۾ آيو، اهو گهرن ۾ ڪونهي، گهر ۾ مڇي کائيندا آهيون پر هن تازي مڇي ۽ پانداريءَ جي پچايل مڇيءَ جو لطف پنهنجو آهي. ماني کائڻ کانپوءِ اڳتي نڪري پياسين، هاڻ اسين "مل ڪريڪ" درياءَ ۾ داخل ٿياسين، اوير ۾ ڍوريءَ طرف سفر ڪندا اچي ونگائي جتن جي ڳوٺ "تڪو" ۾ مسجد جي سامهون ٻيڙي بيهاري سين، مسجد جي پاسي ۾ اوطاق هئي، اسين ٻيڙي مان لهي اوطاق ۾ آياسين. اتي ڳوناٺا گڏ ٿي ويا، اوچتو تيز برسات شروع ٿي وئي، مينهن بہ چوي اڄ نہ ڪڏهن پوان، اهڙي برسات هوندي بہ اوطاق ۾ جهجها ماڻهو اچي ويا، جهڙ هجي يا برسات ڳوناٺا مهمان کي عزت ڏيڻ لاءِ ڪني ٿي ويندا آهن، سنڌ جي ڪچهري ثقافت جو سٺو مثال پلا شهرن ۾ ڪٿي ٿو ملي، انهن سان ڪچهري هلندي منصور تلهو ڳوناٺن جا حال احوال قلم بند ڪندو رهيو.

هڪ ڳوناٺي وڏي دانهن ڪندي چيو،

سنڌو کي بند پيا، بئراج نڪتا ۽ بئراجن جي سنگهرن ۾ سنڌو سلهاڙجي ويو، هي اسان جا پٽ ڪشمير جهڙا، خوشحال آسودا، برباد ٿي ويا، هاڻ ويراني، بربادي جي حالت تي ماتم ڪندا اچون، هي سڀ ڪئين ٿي ويو...! هن هيڏاپڻ واري عمر ۾ هنن خالي خالي پٽن کي ڏسنديين، اندر ۾ جهري پوندو آهيان"

ڳوناٺي جي ڳالهه تي سڀئي ڏڪارا ٿي ويا، هر ڪو ڏک جي ڏور ۾ ويڙهجي ويو، پوءِ ڪچهري ختم ٿي، گهڻي دير ٿي چڪي هئي، منصور کي پير ۾ تڪليف هئي، سا وڌڻ لڳي، هن پنهنجي پير واري سور جي ڪنهن سان ڳالهه نه ڪئي، خير سان صبح ٿيو، پر برسات بيهڻ جو نالو ئي نه پئي وٺي، هڪ هوڙو "ڊانيڍي جي تڙ" تي ويو ٿي، منصور صاحب واپس نٿو وڃڻ جو ارادو ڏيکاريو، پوءِ ڪيس ان هوڙي ۾ ويهاريو، جيڪو ڊانيڍي تڙ ڏي ٿي ويو، پوءِ ليکڪ منصور ٿلهو جو ڪاري وارن سان سڪ وارو پنڌ گهيرو ٿيندو ويو.

2009ع ۾ اسان به اباڻو ڳوٺ ڇڏي ڪراچي لڳ ريڙهي مياڻ ڳوٺ ۾ لڏي آياسين، هت به منصور ٿلهو ايندو ويندو آهي، بابا سان منصور جي ڏاڍي لڳندي هئي، بابا به منصور کي پنهنجن پٽن وانگر ڀائيندو هيو، جڏهن به منصور لاڙ جي پٽن تي ويندو هو ته هي فون تي پڇا ئيندو رهندو هو، اڄ هن تڙ تي وڃان ٿو. هن ڳوٺ ۾ هن مياڻ تي مهاڻن سان ويٺو آهيان، هي ليکڪ منصور ٿلهو سالن جا سال ڪاري جي ڪيڙائن سان ملندو، تاريخ رقم ڪندو رهيو آهي. 2017ع ۾ آيو، وري ساڳيا ساموندي پنڌ ڪندو رهيو.

هي سوڪي بندر جي قتل آثارن کي ڏسڻ ويو. سوڪيءَ جي لڏي ويل ماڻهن کي ڳوليندو لاڙ جي پٽن تي هلندو، تن سان ملندو رهيو. بزرگن، وڏي چمار جي ماڻهن کان "سوڪي بندر" ۽ "سوڪي شهر" جا احوال لکندو رهيو.

سوڪي شهر جا ويٺل ماڻهو ڪجهه ريڙهيءَ مياڻ ۾ اچي آباد ٿيا آهن. منصور ٿلهو ريڙهي مياڻ ۾ آيو، سوڪيءَ جي ماڻهن سان ملڻ جي ڳالهه ڪئي. آئون ۽ منصور ٻئي وڃي انهن بزرگن سان ملياسين. سوڪي شهر ۽ سوڪيءَ بندر جا احوال پڇيا، حيدر بندر گاهه، حيدري شهر ۽ ان جي آس پاس ۾ سوڪي جا ماڻهو رن پيا، منصور انهن سان ملاقاتون ڪيون.

ليکڪ منصور ٿلهو "سوڪي بندر، ساموندي سُور" سفر نامو 2017ع

ڇپيو. ليکڪ جي هِن ڪتاب کي 2017ع جو بهترين ڪتاب جو ايوارڊ ڏنو ويو.

منصور جڏهن به ايندو آهي ته لاڙ جي پٽن تي ضرور ويندو آهي، هي گهمندو ڦرندو رهندو آهي. ڪڏهن "ناول"، "سفر نامو" ڪڏهن "لغت" لکي وٺندو آهي. هن ڪڏهن به بک، اڃ، سردي ۽ گرمي، پنڌ هلندين ٿڪ ٿڪاوٽ واري ڳالهه نه ڪئي، رات جو ٻتيون ٻاري لکندو رهيو. منصور ريڙهيءَ مياڻ ۾ ڪيترا ڀيرا آيو، هن جو اهو ساٿيو پورهيو ۽ ساڳي ڪرت هلندي رهي ٿي.
هتي ليکڪ منصور ٿلهو جا ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتابن جو ذڪر ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو.

1. "جيون ليڪا" ناول 2005ع
2. "جي هانءَ نه هارين" ڪهاڻين جو مجموعو 2005ع
3. "زندگي پوڳ" ناول 2007ع
4. "متي ۽ مُهاٽا" ناول 2008ع
5. 2009ع ۾ ايم فل "سنڌي ۽ سرائيڪي ناول ۾ موضوعي ۽ فني هڪجهڙائي" 1870ع کان 2007ع تائين (اڻ ڇپيل)
6. "ريڙهي مياڻ" (ناول) ڇاپو پهريون 2011ع
7. "اکر پٽي" لغت لاڙي، سامونڊي پٽيءَ جا لفظ 2014ع
8. "ريڙهي مياڻ" (ناول) ڇاپو ٻيو، اپريل 2015ع
9. "سوکي بندر ۽ سامونڊي سور" سفر نامو 2017ع
10. "گڏاپ جا گل" (لغت) 2018ع
11. "واديءِ مهران" (اردو) آرٽيڪلس مئي 2009ع

ڊاڪٽر جليل ڪتي
ريڙهي مياڻ
18 جنوري 2019ع

رڍپچاءِ ڪنديون آهن. ادي! آڍاڻ چڪي تہ ڏسو؟

آڍاڻ : بيماري

جانورن (چوپايو مال) ۾ ڪا خطرناڪ بيماري اوچتو پئجي وڃي ۽ علاج جي لاءِ بہ ڪو، هيلو وسيلو ٿي نہ سگهي، تہ اهڙيءَ حالت ۾ پاڳيا. مالوند ماڻهو چوندا آهن.

ادا، "آڍاڻ" پئجي ويئي.

آجهار : آرام

ڊورو، ڪڏي درياھ مان "اُجهار" نڪري ٿو.

آڪيو : بندرگاھ جو نالو..

عورتون برقعي جون "اڪيو" ناهينديون آهن، جيئن ڏسي ۽ هلي سگهجي.

اورنگا : بندرگاھ جو نالو (سنڌ جو پُراڻو بندرگاھ)

آنجا : اوهان جا... اوهان جو

اگهَم : ڳوٺ جو نالو: اگهَم ذات آهي.

آثار : درياھ جو نالو آهي، آثارو، ڊوري جو نالو آهي.

آڏياڙي : درياھ جو نالو آهي.

آجو : آءُ، مان، دريائي ماڻهو ۽ سامونڊي پٽيءَ ۾ رهندڙ "آجو" جو لفظ استعمال ڪندا آهن.

اجو : آءُ، مان هي لفظ "جَت" استعمال ڪندا آهن

اِمڪو ڊِمڪو : خسيس ماڻهو

جملو: جيڪو تيڪو اِمڪو ڊِمڪو مان ڪَم ڪَڍيو وڃي.

اوڪڙ : گرم هوا

سياري جي موسم ۾ اوڪڙ لڳندي آهي سياري جا مهينا. آسو، ڪَتي، وڳڻ، چيت ،اهي چارئي مهينا سياري جا آهن. آسو ۽ ڪَتيءَ ۾ "اوڪڙ" يعني گرم هوائون لڳنديون آهن.

جڏهن ڏينهن جي اوڪڙ لڳندي آ تہ اُن ۾ ويهي ڪوند

سگهبو آ.

اولَ : درياهہ جي ڪَنڌي، جنهن هَنڌَ تي لَهرن جي وسيلي ڪک ڪانا لڙهندا اچي ڪٺي ٿين.
پاڻي! هوڙو ڪنڌيءَ سان نہ وڃاءِ، اولَ ڏسين پيو، ٿورو پَري پنڌ ڪَر.

اگهم : ذات، اگهم ڳوٺ جو نالو، نئي ڪان ٿي ڪوهہ پري، هي ڳوٺ 1153هہ ۾ موجود هو.

آچارا : اُستاد بخاري جي شعر جو هڪ "بند" آهي.

آچارا اُستاد مُنهنجي پيا،
تانگهڻ جا طوفان اٿي پيا،
ڪي لهوارا ڪي اُپارا،
او وڻجارا
او وڻجارا

آرت : ايٽ، چرخو، آٽڻ، جاءِ ڳهہ
بيت (سر ڪاپائيتي)

سي تہ ويسي وڃانيا، ڪتڻ سندا ڏينهن،
آرت اوڏي نہ ٿيين پوري پيئن،
ڪنڌ ڪڻند ٻئن ڪيئن اڳڻ عجيبن جي.
(شاهہ)

آلاپون : روئڻ.... ڳالهائڻ. "ڏک جي گهڙيءَ ۾ آلاپون ڪرڻ"

ڪِين واري ڪِين واٽ، ڪِين ٻهڻ ڪِين پيچرو
هَلي هاڙَ هِي، سامُهين لڳيس اُجَ اُساتَ،
ڳوڙهن پَري ڳاتَ، آپَر آلاپون ڪري.
(شاهہ)

آرو : اميد، لاڙو، پيار، چاهت، محبت
آرو، مشين، ڪاٺ ڪپڻ، ڪاٺ وڍڻ وارو، ڪاٺ وڍڻ واري مشين
نوٽ : اسپيني (SPANISH) زبان ۾ آرو ARO لفظ جي معنيٰ اُميد، منڊي RING

باقر خان جو رشيد تي آرو آهي
معنيٰ باقر خان جي رشيد ۾ اُميد آهي.

17.04.2017 شام جا سوا ڇهه ٿيا هجن ڳوٺ رسول بخش مروا بلوچ جي اوطاق تي پهتس، اتي اڳ ۾ ئي چار ماڻهو ويٺا هئا. پوءِ آهستي محفل مچندي ويئي.

اوطاق جي اوڀرندي ۾ "ڪاتي" واهه هو، هيءَ واهه ساڪرو برانچ مان نڪري ٿو. ٿوري جهٽ ڪانپوءِ ڪچهريءَ وارو مانداڻ مچي ويو. اوطاق ۾ جيڪي دوست ويٺا هئا. اُنهن ۾ بزرگ ماڻهو، وڏي ڄمار وارا به هُجن. جيئندو خان ڪلمتي، عمر 83 سال، اسدالله ولد پنهون بلوچ عمر 67 سال، ولي محمد ڪلمتي بلوچ عمر 70 سال، خان محمد ڪلمتي بلوچ سگهڙ عمر 90 سال سائين خان محمد ڪلمتي بلوچ محفل ۾ بيت ٻڌائي ويٺل ماڻهن کي جهومائي ڇڏيو. اُن جي پَر ۾ محمد ادريس ڪلمتي بلوچ ٻاڙو گنبو عمر 28 سال، ماستر ڪرم علي بلوچ ۽ باقر خان مَروا بلوچ ويٺا هُجن، پوءِ باقر خان شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا بيت سُر ۾ ٻڌايا ايتري ۾ چانهن جي چُسڪي وارو دور هليو. پوءِ وري ڪچهري شروع ٿي وئي.

آپاتو : اوڀرو... آڻ واقف... سونهين نه ڀيو...
وهين ۽ ويلا ڪَريين، سڏيين ساڱا تُو
هاري! آپاتُو، توسين سُرتهن نه سَسُئي.
(شاهه)

آسا روس: ڪَڪَرن جي وسڻ جو آسرو
سِپَ سمنديـن سيجـي، اَبـر آساروسن،
ٻاڙو پيئـي نـه ٻُـپـڙي، مـنو مُـداهن لڳـوس،
ماڻِڪَ تي مڙيوس، جيئن تنگُ، ڪيڏيائين تار ۾.
(شاهه)

آچار : مڇيءَ جو قسم
آچار : ماڻهوءَ جو نالو
جملو: ناڪئو آچار پٽڻ تي آن، (ناڪئو آچار پٽڻ تي آهين)
اوسو : ماڻهوءَ جو نالو
ابڙي : ذات، اوڙڪ

آلڙ : گپ، چڪ
اگڙا : پاڙو (ميمڻن جو پاڙو)
آگري : پاڙو (ميمڻن جو پاڙو)
اونائي : پاڙو (ميمڻن جو پاڙو)
آفائي : پاڙو (ميمڻن جو پاڙو)
اوچتو : اچانڪ
اوچتو : بنا خبر جي
ادا! مينهن اوچتو وسي پيو.
اوچتو : درياءَ جو نالو
اُجندا : آهستي ترندا
جملو: ناڪئا! هوڙي جو پايو تتي پيو آ، اُجندا پيا اچون.
اڙوڪاري: چيٽ جو فصل
الائي : گهڻي
خلاصي! اوندائي الائي آهي. (خلاصي! اونداهي گهڻي آهي.)
اُبتي ڏنگڻي: گاهه جو قسم
آڏيري : گاهه جو قسم
اوڏ : ڳڻتي
آڏار : آڏو تيڻ
آئير : پوڙهو، جهونو، ضعيف، پير مرد
اِيئا : اِها
اڱاريا : ذات، اوڙڪ
يا اڱاريو
اوسو : ماڻهوءَ جو نالو
آن : مان، آءٌ
جملو: لي! آن اچان پئي، (لي! مان اچان ٿي)
آن جي : اوهان جي
آن جو : اوهان جو

آنيان : آهيان

اُدي : ماڻهوءَ جو نالو

اُڦي : ماڻهوءَ جو نالو

اُٿلي : واپس، واپس موٽي ويو

آمي : عورت جو نالو

آسي : عورت جو نالو

اُلارين : ٿاهين، ٿائين

جملو: لي! ڪِ اُلارين ٻي، (لي! ڇا ٿاهين ٿي.)

آم : آٿم، آهِن

آئن : آهن

آئين : آهين

جملو: ناڪئا! ڪٿي آئين، خلاصي پيا نارين، (ناڪئا! ڪٿي آهين، خلاصي پيا نهارين.

آنيار : گهوٽ جو ٻانهن ٻيلي

شاديءَ جي وقت گهوٽ سان گڏ هوندو آهي پر هاڻي اِها رسم ختم ٿيندي پئي وڃي

اوڳوٽون: هوا جو نالو

ڏکڻ ءِ اوپر جي ڪنڊن ۾ لڳندڙ هوا

اُڏارو : ٻي ڪان ڪجهہ وٺڻ

اُٿل : ٻوڏ جي صورت ۾ پاڻي پٽن تي چڙهي تہ چوندا آهن، "ادا! اُٿل آئي آهي"

اُس : ڪاڙهو، روشني

اوڏ : ڳڻتي، فڪر

جملو: ماڪي بيمار ڳيور جي اوڏ ٿي پئي آهي.

اُٿلين : واپس

اگهائي : بيماري

(ڳوٺ ۾ اگهائي اچي وئي آهي.)

اگهائي : قبول ڪئي

سومل سوڪڙي مُڪي سا اگهائي ڪئي.

اُسلاڙو : گهر (پکين جو ککن ۾ ڪانين مان نهيل گهر)

اوپالو : ميٺو، ماڪي اوپالو تہ ڏنيس.

اِڇا : ٻي سان همدردي ڪرڻ، ڪجهہ ڏيڻ

اٽڪل : حالاڪي

اٽڪل : حڪمت عملي
(ٻيلي ڪا اٽڪل ڪر تہ ڪم ٿئي)

اُڪنڊ : سِڪَ
ماڪي آئون جي ڏاڍي اُڪنڊ ٿي. (جاتي لهجو)
معنيٰ: مون کي تنهنجي گهڻي سِڪَ ٿي.

اُڌڙي : ٽُٽي، ڦاٽي
جملو: منجو برقعو اُڌڙي ويو آهي.
معنيٰ: منهنجو بُرقعو ڦاٽي ويو آهي.

اوپارو : پاڻيءَ جو وَٽُ
(پاڻيءَ جي تيز وهڪري سان پٽن کي پاڻي ۾ واچوڙي جيان گهمڻ يعني پاڻيءَ ۾ وَٽُ ٿيڻ سان ڪو بہ هوڙو يا لانچ ان هنڌان نہ گذرندي.
ملاح چوندا آهن اوپارو لڳو پيو آهي، ٻاهر جهل.

اوباهيو : ماٺوءَ جو نالو

اوڪارو : اُلٽي اچڻ، دل خراب ٿيڻ، اُلٽيون ٿي پيون.
ناڪئا! تيز لهرن ۾ مِکي اوڪار ٿي پيو.

ايلاز : منٿون، وس، عاجزي
ادا، سڄڻ کي منٿون ڪيم، نوڙت، عاجزي ڪيم، پر ڳالهہ ڪونہ ٻڌائين.

آونگ : مڇيءَ جو قسم

آونگ : ساٽ (مڇي) جي پني يا ڪچرو
اسان پڻ اُڏارا آٽي آونگ چاڙهيا.(شاهہ)

آس : اميد، خواهش

آپڙبو : وڙهيو
جملو: لي! تو واري ڳيور سان، زيبو جو ڳيور آپڙبو پيو هو.

آتاٽو : آچار، ڪتاڻ

آنجي : اوهانجي

جملو: آنجي رقم آنکي ملي ويندي.

آنکي : اوهان کي

اوناڙي : اُنن چارڻ، هڪلڻ وارو ماڻهو

آڙي : پکيءَ جو نالو

آڏيري : گاهه جو نالو

آتائي : سُمهڻ جي جاءِ يا بسترو

ٻُڍڙي (پوڙهي) کي آتاٽي ي وجهو.

يعني پوڙهي کي بستري تي سُمهاريو.

آڳاتو : گهڻو اڳ ۾، ماضي بعيد

آڳاتو سنڌ جو حُسن موڪلائي ويو، جڏهن سهڻا بندر، سنڌ جا سهڻا ماڳ سڏبا هئا.

آڳر : گهر جو آڳيو حصو، "ناڪئو آڳر ۾ ويٺو آهي."

آن ڪِ : اوهان کي

ناڪئا! آن ڪِ چووان پيو، واءُ تيز پيو گهلي، ڪنڌيءَ جو پاسو ونجي هُلجي.

آگهي : بيمار

ملوڪ خلاصي جي ماءُ آگهي ٿي پئي آ.

(ملوڪ خلاصي جي ماءُ بيمار ٿي پئي آهي.)

لي! فاطمي ڪان "امبرچي ڳني آچان.

اُٺ نڙي : ڍوي جو نالو، هي ڍورو ديهه جاڙا دالي ۾ آهي.

اُرد واهه : ڍوري جو نالو، هي ڍورو ديهه ڪاٺوڙ ۾ آهي.

آڪي : عورت جو نالو

اُپينڊ : مَنڌي، مانڌاٽي ۽ مانڌٽي، مانڌاٽو

سنڌ جي ثقافت ۾ "اُپينڊ" جو وڏو هٽ آهي، جڏهن لاڙ ۾ سنڌو درياءَ جو پاڻي جام هوندو هو، درياءَ جي ڪنڌين، پيٽن ۽ ماڳن تي مالوند وندن ماڻهن (ٻاڳين) جي وٿاڻن ۾ خوشيون جاڪوڙ هوندا هئا.

ڳائن لڳنديون اهن، اهي ڳيچ خوشين وارا هوندا آهن.
منڊي جي ڦرڻ سان ننيڙن گهگهرن جا آواز پري پري تائين ويندا آهن، ٻڌندڙن کي پتو پئجي ويندو آهي.
ياڳٿي جي گهر ۾ لسي پئي ولوڙجي منڊي جي هيٺين چيڙي ۾ "ڦُل" پوندو آهي، جيڪو ڪاري وانگر نهيل هوندو آهي، اهو "ڦُل" لسي ۽ مکڻ کي ڌار ڌار ڪندو آهي، ماٽيءَ جي مٿان ڪاٺ جو ڍڪڻو رکيو آهي، جنهن جي "مَن" چَون. ان جي وچ ۾ سوراخ هوندو آهي.
ماٽي (چاڏِي – پارو) جنهن ۾ عورتون لسي ۽ کير ولوڙينديون آهن، جيڪڏهن اُها ماٽي ڀڃي پوي يا ٽٽي پوي ته چَون. "ادي! ماٽي سڃي ٿي پئي."
سگهڙ عورتون، سياڻيون عورتون، ٽنل ۽ ڀڳل شئي جي لاءِ به سٺو لفظ استعمال ڪن، جيئن ڳڻ ۾ ڳالهه رهجي اچي، ٻئي کي خبر نه پئي.
"ادي ماٽي سڃي ٿي پئي،" هن جملي جو مقصد ان تر يا علائقي جون عورتون سمجهي وينديون، پانهرين ۽ ڌاري عورت کي پتو ڪونه پئجي سگهندو.
ريڙهي مياڻ ۾ ڊاڪٽر جليل ڪٽي، رحيم بخش ڪٽي ۽ رفيق ڪٽي سان "اُپيڊ" جي باري ۾ ۽ لاڙي لفظن تي ڪچهري ٿي، ڪجهه وقت اڳي ڳوٺ مروا بلوچ ۾ سگهڙ باقر خان مروا بلوچ، لطيف بلوچ ۽ ٻين.
لطيف بلوچ، ماستر ڪرم علي بلوچ سان ڪچهري ٿي هئي، اتي "مانڊاٽو" جو ذڪر نڪتو. مانڊاٽو کي مختلف نالن سان سڏيو ويندو آهي، ڪي "اُپيند" چون، منڊي، مانڊٽي ۽ مانڊاٽي وغيره لطيف بلوچ ڪچهري مان اٿي گهر ويو ۽ مانڊاٽي (اُپيند) ڪڍي آيو، مانڊاٽو (اپيند) ڇهن ستن سالن جي ٻار جي قد

ڪان وڏي هئي.

سرنگ : اڳواڻ، هوڙي ۾ ڪم ڪندڙ خلاصين جو اڳواڻ سرنگ تي ٻيڙي، هوڙي، نائو جون وڏيون ذميواريون هونديون آهن، هوڙي خبرچار لهڻ ڪانسواء، خلاصين جو خيال رکڻ، انهن جي ڪاڌي پيتي جي خبر چار لهڻ، پانڊاريء (رڌپچاء ڪندڙ جي راش پاڻي جو خيال رکڻ، ان کان علاوه پيون پڻ ذميواريون سرنگ تي هونديون آهن.
جڏهن هوڙي يا ٻيڙي جي پکي ۾ ڪا چيز ڦسي وڃي يا رڇ ڦسي پئي تہ ان کي ڇڏائڻ جي لاء خلاصي ڪونہ

ويندو، پر سرنگ ويندو آهي.

سِلو : نالو، "سلو! ناڪئي ڪي سٽاءِ، آئون مڇي وتاءِ اچان پيو.

سيلو : نتيجو، بدلو

سمهارڻ : ننڊ ڪرائڻ

سوٽ : چاچي جو پٽ

سوٽ : سخت

سارو : سپ، سمورو

سارو : عورت جو نالو

لي! آئون مائي سارو موساني جي هوٽل تي وڃان پئي.

سانولو : نالو

لاڙ جو سانولو فقير، ان جي پيءُ جو نالو "راڌو" هو، سانولو فقير جي مزار ٻاڏالو درياءَ تي آهي.

سِپائيين : سپاهين

سوڙائي : تنگي، گهٽ پوسٽ

سيسار : مڇي جو نالو (سامونڊي مڇي)

سيار : ڏپ وارو، ڪنو

سَڌ : طلب، خواهش

سُڌ : خبر چار، حال احوال

سونهڻ : سامونڊي گاهه

سيم : خاص ماڻهو مخصوص علائقو

سَنبر : درياءَ ۾ وير اچي مٿي چڙهي، بيندي آهي، درياءَ جا چوندا آهن. سنبر تي ويو آهي، هاڻي جلدي آلڙا.

سوير : ساهڙ

سمات : ذات

سَمو : ذات، اوڙڪ

سَمو : وقت

## (ش)

شئي ٽول: ڪا چيز، ڪا شيءِ، کائڻ جي شيءِ ڪُڏڻ جي شيءِ، رانديڪو وغيره
لاڙي ماڻهو ڪنهن شيءِ جي لاءِ "شئي ٽول" وارو لفظ استعمال ڪندا آهن.
جملو. پٽ! آئون شئي ٽول آڻيا پيو.
شام جو سوا پنج ٿيا هُجن، دوست باقر خان مروا بلوچ سان ٽنو ڪان وَر وجي رهيو هوس، باقر خان کي فون آئي هن فون تي وَراڻي ڏني، آءِ شئي ٽول وٺي ايندس.
لاڙ جا ماڻهو ڪنهن شيءِ جي لاءِ "ٽول" وارو لفظ بہ استعال ڪندا آهن.
بابا، منهنجي لاءِ ٽول وٺيو اچ
بابا، منهنجي لاءِ ٽول گهني آ
مِجي لاءِ شي ٽول گهني آ،

شاهہ وارو: ڍوري جو نالو، هيءَ ڍورو "ڪَن چني" درياهہ مان نڪري ڏمبري درياهہ مان گذري وجي ٿو.

شورڪي: دياهہ جو نالو

شاباس : وڏايون

شور : گوڙ

شال : گندي، عورت مرد هئي شال پائن

شرم : حياءَ

شان : عزت

شاني : عورت جو نالو

شمي : عورت جو نالو

شوم : بخيل، پڪو ماڻهو

شرو : فساد، جهيڙو، جهگڙو ڪرڻ جي لاءِ شور مچائڻ

شور : گوڙ، گهمسان

شاڙو : چا، جاتڪي لهجو
شاڙوءَ : چا آهي، جاتڪي لهجو
شرارتي : مستي ڪرڻ وارو، تنگ ڪرڻ وارو
شاهو : ماڻهوءَ جو نالو
شاهڏنو : ماڻهوءَ جو نالو
شاهوڪار: پيسي وارو، مال ملڪيت وارو
شيرل : ماڻهوءَ جو نالو
شير : جانور، جهنگ جو بادشاهه
شيردل : ماڻهوءَ جو نالو
شيردل : همٿ وارو، بهادر، شينهن جهڙي دل رکندڙ
شڪرو باز: تيز رفتار اُڏامندڙ، پکيءَ جو نالو
شڪل : مُنهن، چهرو

## (ص)

صوباڻي : اوڙڪ
صالح جت ونگاڻي : ٻگوٺ جو نالو
صديق بلوچ : ڳوٺ جو نالو
صديق : ماڻهوءَ جو نالو
صندوق : پيٽي
صنوبر : وڻ جو نالو
صِدق : اعتبار، اعتماد، يقين، ڀروسو
صوف : ميوات جو نالو
صوف : ماڻهوءَ جو نالو
صابو : ماڻهوءَ جو نالو
صالح : نيڪ
صالح : ماڻهو جو نالو
صابڻ : ميل کي ڌوئڻ وارو ڪيمڪل
صوفي : سالڪ
صوبدار : ماڻهو جو نالو
صفورا : عورت جو نالو

## (ض)

ضعيف : ڪمزور
ضامن : ٻئي جو بار کڻندڙ، ضمانت ڏيندڙ
ضمير : نالو ماهوءَ جو
ضرور : لازمي، پڪ سان
ضرب : چوٽ
ضرب : ونڊڻ
ضرورت : گهرج، لازمي

(ط)

طالباٹي : ذات
طالباٹي : پاڙو، (ملڪاٹين جو پاڙو) ريڙهي ۾ رهن ٿا.
طالب : نالو ماڻهوءَ جو نالو
طالب : شاگرد
طلب : گهرج، ضرورت
طوطو : چتون، پکي جو قسم
طويل : ڊگهو
طمع : لالچ
طنبيلو : گهوڙن جي ٻڌڻ جي جاءِ
طور : جبل جو نالو
طالب : حسرت رکندڙ

(ظ)

ظالم : بي رحم، قهر ڪندڙ، ڏاڍ ڪندڙ، بي قياس
ظلم : ڏاڍ، جبر، قهر
ظالمي : قهري
اهو ڏاڍو ظالمي آهي.

(ع)

| | | |
|---|---|---|
| عابداڻي | : | اوڙڪ، ذات، لقب |
| عطار | : | پاڙو (ميمڻ جو پاڙو) |
| علي | : | نالو |
| علي ڪيرواڻي | : | ڳوٺ جو نالو |
| علي خاصخيلي | : | ڳوٺ جو نالو |
| عليل | : | ڪمزور، هيڻو |
| علو | : | نالو |
| عاليہ | : | عورت جو نالو |
| عيار | : | چالاڪ، تيز |
| عقابيل | : | پکي جو نالو |
| عليل | : | هيڻو، ڪمزور<br>ناڪئو عليل پيو ڏسجي. |
| عادت | : | طبعيت |
| عاري | : | سُست |
| علم | : | ڄاڻ |
| عقل | : | سمجھ وارو |
| علو | : | نالو |
| عاقبت | : | حالت |
| عمر | : | نالو |
| عُمر | : | ڄم، ڄمار |
| عُمريون | : | ڄماريون |
| عظيم | : | ماڻهوءَ جو نالو |
| عظيم | : | وڏو |
| عنبر | : | خوشبوءِ<br>درياءَ ۽ سمنڊ جي ڪنارن تي ماڻهو عنبر ڳوليندا آهن. |
| عتيق | : | ماڻهوءَ جو نالو |
| عيان | : | ظاهر، پڌرو |

عُذر : مجبوري
ادا! عتيق عُذر وارو ماڻهو آهي، يعني مجبور آهي.
عُذير : ماڻهو جو نالو
عاليشان : شَئو، وڏندڙ
عينڪ : چشمو

## (غ)

غني : سخي
غني : پارو (ميمڻن جو پاڙو)
غور : ڌيان
غور سان ڌس، ننگ پورا آئن.
غدار : ڌوکي باز
غداري : دوکو ڏيندڙ
غم : ڏک، سور، تڪليف
غلام : ماڻهو جو نالو
غلام : ٻانهون
غُلامي : ٻي جي محتاجي، ڪنهن جي اثر هٺ هيٺ
غلطي : ڀُل چُڪَ
غدار : ڌوڪو ڪندڙ، بي وفائي ڪرڻ وارو
ڪنهن سان بہ همدردي نہ رکڻ وارو
غليظ : ڪِنو، ڪنيون شيون
غُرغرا : وات ۾ پاڻي جهلي، گلي طرف مٿي آڻڻ
غُبير : ڌاريو، پرايو، اڻ ڄاتل
غوطا خور : پاڻيءَ ۾ شيون ڳولڻ وارو
پاڻيءَ ۾ شيون هٽڻ وارو
غرق : تباھہ، گم، اندر ٿي اندر ۾ تباھہ
طوفان ۾ ناڪئي جو نائو غرق ٿي ويو، ڪو پتو ڪونہ پيو.

## (ف)

فتواڻي : ذات
جتن جي اوڙڪ ، پاڙو
فتنو : فساد، جهڳڙو
فن : هُنر، ڄاڻ
فنڪار : فن جو ڄاڻو

(ڦ)

| | | |
|---|---|---|
| ڦرا چوڏي: | | مڇيءَ جو قسم |
| ڦند | : | مِڪُر |
| ڦير | : | ڦيرو، ڦند |
| ڦَرُ | : | ٻچو (ڪنهن وهٽ جو ننڍڙو ٻچو) |
| ڦات | : | درياءَ جو نالو |
| ڦٽو | : | درياءَ جو نالو |
| ڦٽل ڪوبر: | | درياءَ جو نالو |
| ڦسي | : | ڦاسي<br>ناڪئا! رَچ ۾ جهجهي مڇي ڦسي آ. |
| ڦٽو | : | مڇيءَ جو نالو |
| ڦڙداس | : | مڇيءَ جو نالو |
| ڦوڦار | : | مڇيءَ جو نالو |
| ڦيٽو | : | ويل، ٽائر |
| ڦِتري | : | سُني، ناهوڪي |
| ڦٽل | : | خراب ٿيل |
| ڦير | : | چَڪر، گورو |
| ڦيرا | : | حَمل واري عورت کي اُلٽيون آچڻ |
| ڦَند | : | آتڪلون |
| ڦسائڻ | : | قابو ڪرڻ |

## (ق)

قهر : ظلم، غضب
قهرَ : ذات، ڪنهن وقت پڪيئڙو درياهہ تي "قهر" ذات جا ماڻهو رهندا هئا.
شام جا ڇهہ ٿيا هُجن، ريڙهي مياڻ ۾ ڊاڪٽر جليل جي جاءِ تي، محسن گهچ، خلاصي، ناڪئو اِبو واڍو سان ساموندي پٽيءَ جي ڄاڙين، ڪارين ۽ ڊورن بابت ڪچهري ٿي.
قُل : سڀ
قول : اقرار، واعدو
قرب : پيار
قرب ڪرڻ: سڪ ونڊڻ، محبت ڪرڻ
قبول : مڃڻ
قبول : نالو
قهري : ظالم، ظلم ڪندڙ
قياس نہ رکندڙ
قياس : رحم، احساس
ناڪئو! وڏو قياس وارو آ.
خلاصين سان سٺو ورتاءُ ڪندو ا
قريب : ويجهو، ساٿي
قناعت : فضول خرچي نہ ڪرڻ، بچائڻ
قناسرو : ذات
قربدار : مُحبت ڀريو
قربان : فدا، جان ڏيندڙ
قربان : ماڻهو جو نالو
قينو : بغض، ساڙ، عيب
قلعت : کوٽ، ڪمي، اٽاٽ

(ڪ)

ڪک مورائي: زمين مان گاهه ڦُٽي آيو.
لاڙي ماڻهو" مورائي" جو لفظ به استعمال ڪندا آهن، جنهن جي معنيٰ ڦُٽي آچي نڪري ي اچي، اُپري اچي، جَمي اچي.

ڪک : سلو، گاهه

ڪائير : درياهه جو نالو.
هن درياهه تي مسلمانن ۽ هندن جا گهر هوندا هئا ، پرهياڙ، ملڪاڻي، ۽ ٻين ذاتين وارن جا گهر هئا.
اتي نائو سوڀو جو دڪان، اُدي ۽ اُڦي جا دڪان هئا.

ڪَپڙ ڇاٽي: ڪُٽي ڪپڙ
ڪنهن سنهي شيءِ ۾ ڪا شيءِ ڇاڙڻ

ڪَنَ ڇتي: درياهه جو نالو

ڪارونپار: درياهه جو نالو، ڍوري جو نالو، هي ڍورو "ڪناٽي"، يعني وڏو ڍرو، جنهن مان هوڙا ٻيڙيون اچي ۽ وڃي سگهن.

ڪانئر : ڍرو
هن ڍوري تي ڏيوڻ هندو جو دڪان هوندو هو.
ملڪاڻيڻ ۽ ماڇين جا گهر به هئا

ڪڌيرو : درياهه جو نالو

ڪَڌڪَي: ڍورو، هي ڍورو پيتاڻي درياهه مان نڪري ٿو.

ڪاجا : ذات، دڙو، اوڙڪ
شاهه بندر تعلقي ۾ ڪاجا "دڙو" آهي.
غلام شاهه ڳوٺ جي پاسي ۾ "ڪاجا" ذات وارا ماڻهو رهندا آهن.
ٽاٽو بولا خان ۾ جَبل آهي، اُن جي پاسي ۾ فقير رهندا آهن. انهن کي "ڪاجا" چوندا آهن.

ڪَنئيرو : ڍورو
هيءَ ڍورو سُڪيڙو درياهه مان نڪري، وري ڪُڌي

درياهہ مان گذري وڃي ٿو.

ڪانگ واري: ڊوري

هيءَ ڊورو ڪڏيرو درياهہ مان نڪري ، پوءِ جهول درياهہ منجهان گذري وڃي ٿو.

ڪارچو : ڪاٺ جا ڏاڪڻ جيان نميل هوندي آهي، اُن کي پنهي پاسن کان سوراخ هوندا آهن.

ڪترو : رَچ (چار) جو قسم، مڇي کي ڦاسائڻ وارو چار

ڪَرنگهہ: گاهہ جو قسم، هيءَ گاهہ مال کائيندو آهي ۽ اَن ڏيندو آهي. لاڙ ۾ ساموندي ماڻهو "ڪرنگهہ" جي اَنَ مان پٽُ رڌيندا آهن.

ڪئي : وڻ جو نالو: هن وڻ مان ڪنوئر نڪرندو آهي. اِن ڪئونر مان حڪيم دوا ٺاهيندا آهن.

ڪُتي : وَل جو قسم: هيءَ وَلِ جانور کائيندا آهن.

ڪِني ڪِني: ڪنهن ڪِنهن

ڪِني ڪِني ماڙهين پئي ڪَلَ ڪائي
رَسيا جي رَمز کي، تن پارسي پائي
"آلا سِنانُ سِري وَ آناسِرہ ورتي ايءَ وائي
راجا لاکائي، هَرِ دوئي هيڪُ ٿيا.

ڪَسرو : فصل (سارين جو قسم،

لاڙ جا ماڻهو ساريال جو لفظ سارين جي لاءِ استعمال ڪندا آهن.

ڪَسرو ساريءَ جو قدُ مُرّس ڪان مٿي ٿيندو آهي، هن جو چانور وڏو ۽ ڳاڙهو ٿئي، هن جي ماني کائڻ ۾ وڏي ذائقي واري هوندي آهي.

"ماڙهو رُکي ماني کئين ويندو"
ماڻهو رُکي ماني کائي ويندو.

لاڙ ۾ ساريال فصل جام ٿيندو هو، جڏهن درياءَ جو مِٺو پاڻي جَجهو هوندو هو تہ عورتون گهرن ۾ جَنڊَ تي اَنُ ڏريندیون هيون ۽ چانور پيهنديون هُيون.

کترا : ذرا، ذرا، ڳيا ڳيا
کامُبر : چانورن جو قسم: هي چانور چاليهن ڏينهن ۾ تيار ٿيندو آهي.
کاٿهن پيرو: وَل جو قسم
کانئِر : درياهہ جو نالو
کُنير : مڇيءَ جو نالو:
ککو : مڇيءَ جو نالو يا قسم
کُوکو : مڇيءَ جو قسم
کَڏو : مڇيءَ جو قسم
کَڏِي : مڇيءَ جو قسم: کي ناکئا پنهنجو تخلص "کَڏِي" مڇيءَ جي نالي سان رکندا آهن.
کَتو : مڇيءَ جو قسم
کَرنگاڻ: مڇيءَ جو قسم
کاريڏي: پکيءَ جو قسم
کاما : واءَ جو قسم: "کاما واءَ اُتر ۽ اولهہ جي کُنڊ کان لڳندو آهي. ڏاڍو خطرناڪ هوندو آهي.
کاچيل : ڏکڻ طرف
کوشا : واءَ جو قسم: کوشا ڏکڻ ۽ اولهہ جيءَ کنڊ کان لڳندو آهي تہ تباهي مچائي ڏيندو آهي.
1999ع اٺويهہ سئو نوانوي ۾ جڏهن کوشا واءُ لڳو تہ جاتي ۽ بدين تعلقن ۾ تباهي مچائيندو ٿي ويو. هي واءُ جنهن هنڌان هلندو ٿي ويو، اتي قهري نشان ڇڏيندو ٿي ويو. کوشا واءَ جا اڄ ڏينهن تائين جاتي، بدين ۽ سامونڊي ماڻهن ڏَکَ ڦٽ وساري کونہ سگهيا آهن. هن واءَ سان وڏو جاني مالي نقصان ٿيو، هي واءُ ايترو تيز هو جو مال، ڍور، ڍڳا تيز هوا ۾ مٿي وڃي وڻن ۾ اٽکي پيا. سمنڊ ۾ وڏي تباهي آئي، ڪيترن ماڻهن جا هوڙا، ٻيڙا تباهہ ٿي ويا، ڪيترن ماڻهن جا لاش بہ کونہ ملي سگهيا.

ڪُويا : ڇَل .... پاڻي پيئڻ جو ٿانءُ

ڪالَ : ڪالهہ، ڳُذريل ڏينهن

ڀَنهو جو ڀَنهور ۾، ڪا ڪُلُ ڏِنُم ڪالَ،

هَئي تَنين جي حال، زلف جي زافُ ڪُيون

ڪلارو : چِٽو.... صاف..... واضح

ڪنيار مٽيءَ جو گهڙو ناهي، اُن تي چِٽ ڪڍي باهہ ۾ اُن گهڙي کي پچائي ٻاهر ڪيندو آهي تہ اُهو گهڙو ڪلارو (چِٽو) ٿي پوندو آهي، هُن تي نڪتل چِٽَ. سي چِٽا. واضح. صاف ڏسڻ ۾ ايندا آهن.

نوٽ: اسپيني (Spanish) ٻوليءَ ۾ ڪلارو (CLARO) لفظ جي معنيٰ (Clear) چِٽو. صاف. واضح

ڪورا : نوان، صاف سُٿرا، هلت چلت

ڪُن: : ٻيهہ جو نالو

ڪورنگي: درياءَ جو نالو

ڪانگڻي: درياءَ جو نالو (سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندڙ)

ڪانگڻي: ڇانورر (ڇانورن جو قسم)

ڪوري مگرو: مڇيءَ جو نالو (جنهن ۾ ڪنڊو ناهي)

ڪارنج مگرو: مڇيءَ جو نالو (جنهن ۾ ڪنڊو ناهي)

ڪيهر مگرو: مڇيءَ جو نالو

ڪنعاد : ذات، اوڙڪ

ڪُن : ديهہ جو نالو

ڪپڙ : ڪپڙا

ڪتڻ : اندازو لڳائڻ، ماپو، ماپ ڪرڻ

ڪنيار : درياءَ جو نالو

ڪنيار : مٽيءَ جا ٿانوَ ناهيندڙ

ڪنهار : اوڙڪ، ذات

ڪَڪو : پارو، (ميمڻن جو پاڙو)

مهاڻي جو تخلص

خلاصي خيرو عرف ڪڪو

ڪنير : مڇيءَ جو نالو

ڪانيو : ماڻهوءَ جو نالو (سنڌ ۾ ڪانيو ذات آهي)

ڪُرڙو : مڇيءَ جو نالو

ڪرڙو : مهاڻن جو تخلص

خلاصي ڪالو عرف "ڪُرڙو"

ڪُل : چُلهه

ڪن چني: درياءَ جو نالو

ڪاڇيل : اُتر طرف

ڪُتي : جانور (مادي)

ڪُتي : ول جو قسم، جانور ڪائيندا آهن

ڪاترو : ڪاٺيءَ جو قسم

واڍا هوڙي ۽ ٻيڙي جي گولائي ۾ لڳائيندا آهن.

ڪوڪا : جيت جو قسم

ٻاهرين ملڪن ۾ "ڪوڪا" جو وڏو اگهه آهي.

ڪَترو : رَڇ جو قسم

ڪِڃ : سنهي مڇي

ڪو : ڇو، ڇالاءِ

ڪڏو : ڇالاءِ

ڪرم پور: ديهه جو نالو

ڪرم پور: ڳوٺ جو نالو

ڪِ : ڇو، ڪير، ڇا، هو

ڪَترو : رڇ جو قسم، ڇار جو قسم

(ادا! مکي ڪترو هوڙو وڪٽو آهي.)

ڪترو : ذرو

کَڏو : ڍورو، ڍوري جو نالو، هي ڍورو پيٽائي درياھ مان نڪري ٿو
کَتي : هَنئين
ڪاڳڙو : ڍوري جو نالو: هي ڍورو سوداگر درياھ
کُپنراٺو : ڍورو، هيءُ ڍورو پيٽاٽي درياھ مان نڪري ٿو
کَڙھ لهڻ: بي حيا، بي شرمو
کؤنس : وڏي لڱڻ، هَٿ چُراد، چُر
ڪولي : پڪيڙي، ڪنڊريڙي، واڪو، چوڙي، ٻچ کي ڪولي چڏيوسين. ٻچ کي واڪو ڪري چڏيوسين.
چوڪرا ڳئو کي ڪولي چڏ. پِل ٻنيءَ ۾ چَري، ڪڪ پن کائي.
ڪو : خرابي، هَستي
ڪو ماڙهو(ماڻهو) مستي ڪِئنيدو، يا ڪا خرابي ڪِئنيدو تہ ان کي پيو چوندو.
آجائي تو، ڪو ڪئي آ
کِلّ : ٽوڪ، ٽوڪيندا
غريب ماڙ (ماڻهو) تي کِلّ نہ ڪريو.
غريب ماڻهو تي کلندا نہ وڃو
ريڙهيءَ مياڻ شهر ۾ ڊاڪٽر جليل جي جاءِ تي شام جي وقت ڪچهري ٿي. ريڙهي مياڻ مزاحيہ دوست محمد حسن گُهچ، ابو واڍو، ڊاڪٽر جليل ڪتي سيئي وينا هجون، محمد حسن گُهچ ڳالھ ڪندي ماٺ ۾ پئجي رهيو. اسان سيني جو ڌيان هن ڏي هليو وڃو. گهچ ڪَنڌ مٿي ڪريو چيو.
"ذهن ۾ چاڙهيو" ائين چئي پوءِ ٿورو مشڪي چياٺين يار! سوچيان پيو. ذهن ۾ لفظ چڙهڻ نہ پيا. ذهن ۾ چاڙهيو، يعني ذهن ۾ سوچيو پئي
ڪاٺابو : ذَٽ جو قسم: وَل
کَسي : ٻلو: (پلي جو قسم)

کيرو : پلو: (پلي جو قسم)
کوکر : مڇيءَ جو قسم
ڪڳو : مڇيءَ جو قسم
ڪاروچاڻ ڳوٺ جو نالو .... ڪاروچاڻ بندر گاهه.
ڪنهن وقت ۾ سنڌ جو درياهي بندر گاهه هو.... ٻيڙن جو وڏو تڙ هو، دنيا جي وڻج واپار جي حوالي سان مشهور تڙ ۽ بندر هو. هاڻ سامونڊي پاڻي ڪاروچاڻ جي سونهن کي آجاري ڦتو ڪري ڇڏيو آهي. زمينون ٻينا غير آباد ٿي ويون..... باغن جي جاءِ تي جار ۽ لاڻا بيٺا آهن.
ڪاڻ : ٽپو.. تعلقو گهوڙا ٻاريءَ ۾ "ڪاڻ" ٽپي جو نالو آهي.
ڪنگهار : ماڻهوءَ جو نالو
ڪڇ ۽ ٻچ جي حاڪم جو نالو راءِ ڪنگهار هو.
ڪانٽو : درياءَ جو نالو
ڪاهي : ڪڏ
ڪاهي : درياءَ جو نالو، ڍوريءَ جو نالو
ڪٺند : درياءَ جو نالو
ڪُڻ : هوڙي جو اندريون حصو
ٻيڙيءَ جو پيٽ، اندريون حصو
ڪُڻ ۾ مهاڻا ويسي رکندا آهن، مهاڻا مڇيءَ جي شڪار تي ويندي، ڪڻ ۾ برف جون ناديون، رڇ ۽ پاندار ي وسي رکندو آهي.
ڪَڻ : پاڙو، (ميمڻن جو پاڙو)
ڪينئان : ڪانوا
ڪِئنون : ڪانئو
ناڪئا، خلاصي اچو ماني ڪِئنون
ڪوهو : اهو ڪاٺ جنهن ۾ سڙه جو ڪپڙو ٻڌل هوندو آهي.
ڪونياڻي : پاڙو (ميمڻن جو پاڙو)
ڪڳو : مڇيءَ جو قسم

کِني : ڪٽي
ناڪئو ڪالو هوڙي منجهہ لڏ کني آيو،
ناڪئو ڪالو هوڙي منجهہ سامان ڪٽي آيو.
ڪُلو : واڪو، ڇڊو
ڪارائي گنجا: جانورن جو قسم
ڪيتو ڪر: شرارت ڪرڻ، مسخري ڪرڻ
کاڄ : طعام، ادا کاڄ ۾ ڪِ آن. (کاڌي ۾ ڇا آهي يا طعام ڪهڙا آهن)
کاڄ : ڪٽڻ
سمنڊ جو کارو پاڻي زمين کي اندران ئي اندران کاڄ ڪندو آهي
ڪرو : ڪوڙ
کرو : تيز
کيلا : ڪليون
کَنيي : راند جو قسم، لاڙي ۾ ٻار ۽ وڏا راند ڪندا آهن.
کاتي : واهہ جو نالو، هيءَ واهہ ديهہ جاڙا دالي ۽ ديهہ ڀوڳڙو ۾ آهي.
کاناٺي : واهہ جو نالو، هي واهہ ديهہ خاشو ۽ ديهہ کاناٺي ۾ آهي.
کاڄ : طعام
سليمي! کاڄ ۾ ڪڇا آ.
سليمي! طعام ۾ ڇا آهي،
سليمي! کاڌي ۾ ڇا آهي
کنيم : کنيو
کيم چند: نالو
کيم چند جي کارو ڇاڻ ۾ ڪوني هُئي.

## (گ)

گوگريند: مصالو جنهن مان بارود ناهيو وڃي.

گَرَ : چمڙيءَ جي بيماريءَ جو قسم ، خاص ڪري اُن ٻڪرين، رڍ، ٻلن، ڪُتن، جانورن ڪانسواءِ هي مرض ماڻهن ۾ بہ ٿئي ٿو.

گَرَپ : ذات، هن ذات وارا ماڻهو سوڪي بندر گاهہ ۾ ڪاروڇاڻ جي پرپاسن وارن ڳوٺن ۾ رهندا هئا.

گوگڙين : دوا جو قسم پسارڪي وکر آهي چَمڙي ۾ خارش ٿئي، اُن جي لاءِ گوگڙين جي دوا تيل ملائي هڻبي تہ خارش ختم ٿي ويندي.

گُن : ذات، ملاحن جو پاڙو اوڙڪ

گَٽ : ٻورو هي ٻورو ڏمبري درياهہ مان نڪري وري ڏبي درياهہ ، مان نڪري وڃي ٿو.

گوگٽ : ذات، ملاحن جي اوڙڪ ، پاڙو

گوراڙ : ذات، جتن جي اوڙڪ، پارو

گاهڙا : ذات،

گلهڙا : ذات،

گَڏا : ذات، ساموئي پٽيءَ ۾ مختلف درياهن، پٽن تي ”گڏا ذات“ جا ماڻهو رهندا هئا. هي اُٺ چاريندا ۽ اُنن جو واپار ڪندا هئا. هي ماڻهو ٻني پارو بہ ڪندا هئا جڏهن درياهہ ڦٽي ويا، درياهن جون ڪنڌيون ويران ٿيڻ لڳيون، پوءِ هنن ماڻهن مڇيءَ جو ڌنڌو ڪرڻ شروع ڪيو.

گُرٻ : هن ذات وارا ماڻهو سوڪيءَ ، ڪاروڇاڻ ڳوٺ، پرپاسن وارن درياهن ۽ پٽن تي رهندا هئا.

گَرابي : هي ٻورو ڏٻي درياهہ مان نڪري وري ٻيرم درياهہ مان نڪري ٿو.

نئيي درياهہ کي "ڍورو" بہ چوندا آهن

گسر : ذات

گوگا : نوٽ. اسپيني ماڻهن ۾ "گون گون" ذات آهي.

ڳرني وارو: ڍورو هي ڍورو ڳرابي درياهہ مان نڪري ٿو وري بيرم درياءَ مان گذري وڃي ٿو.

ڳرابي : درياهہ جو نالو

گوجسان : پيٽ مان

گاڙيٺو : پيڙيءَ جو قسم

گولاڙو : وڻ. ڏٿ جو قسم

گگو : ذات

گولي : مڇيءَ جو قسم

گوتو : خيال...

گولو : وڻ جو قسم: هن وڻ جو ڦر گول ڇماٽي (ٽماٽي) جهڙو ڳاڙهو ٿيندو آهي. هن جو ڦر ماکي ۽ مصري جهڙو مٺو ٿئي ٿو.

گاريلي : درياهہ جو نالو

گاريلي : گاريون ڏيندڙ

گاٻار : درياهہ جو نالو

گنئو : درياهہ جو نالو

گسوسگر : مڇيءَ جو قسم

گوگت : ذات. اوڙڪ

گٻ : ذات. اوڙڪ

ڪارو چاڻ تعلقي ۾ گٻن جو ڳوٺ آهي.

گڙٻ : ذات. اوڙڪ

گاني : ذات. اوڙڪ

گورو : ڦيرو. چڪر

گدڙ : پاڙو، (ميمڻن جو پاڙو)

گنو : درياءَ جو نالو

گادڙا : پاڙو، (ميمڻن جو پاڙو)

گلهڙا : ٻڪري جو نالو
گنديون : خراب
گنديون : پوتيون، روا، چادر
گولو : ول جو قسم هن جو ڦر تماٽي وانر ڳاڙهو ۽ ملو مصري ٿئي ٿو.
گولو : غلام
گولو : تاس جو پتو
گدِ بورو : راند جو قسم
گاليو : ننيڙي پيڙي، ننيڙي هوڙي
گوج : پيٽ
گَت : عادت
لاڙ جي مهاڻن جي پراڻي گت آهي، ٻاجي (پنهنجي) نالي ٻنيان نئون نالو لڳائين. اڪثر اهو نالو مڇي جو وندو آ.
گدِ بورو : راند جو قسم
گاليو : ننيڙي پيڙي

## (ڳ)

ڳَڙ : بند، ٻن، آڏ روڪ
ادا..... پاڻيءَ کي ڳڙ ڏني سين،
ادا..... ٻنيءَ کي آڏ ڏني سين
ڪالهه صالح واري زمين کي چؤڦير ڳڙ ٻڌي سون.

ڳُند : ٻوڙ، ڀاڄي

ڳاڙهو : شهر جو نالو

ڳاڙهي ٻاڙ: گاهه جو قسم

ڳُوپ : سادو، غريبڙو، هي ڪنهن جي ٻن ٽن ۾ ڪونهي، هي مسڪينڙو (ڳوپ) پنهنجيءَ ۾ مست آ.

ڳَپ : نياڻي، ڌي

ڳَپ : ڄجهه، ڳپال، گهڻُ

ڳُلتر : ٻراٽا پادر، ٻراٽيون ڄُتيون

ڳُلتر : وائي، آواز، ڳالهائڻ

ڳِنَ وارو گاليو: ٻتيلو: (ننڍڙي ٻيڙي)
ڪينجهر ۾ تنهن جا مهاڻا، "ٻتيلو" جي جاءِ تي ڳِنَ وارو گاليو (ننڍڙي ٻيڙي) جو لفظ استعمال ڪندا آهن.

ڳاڳي : وڻ جو قسم: هن وڻ جو ميوو، ليار ۽ ڏن جي ميوي کان ننڍو ٿئي ٿو.

ڳَريو : ڳريو ڄهليو روءِ، ٿئي مُهري هٿڙا
ڪوءِ سودو ٿئا وءِ، جو تو ڊرليا! سکيو
شاهه

ڳنيير : ذات- ملاح جي اوڙڪ- ٻاڙو

ڳاڙهو : مڇيءَ جو قسم
ناڪتا ۾ خلاصي (مهاڻا) پنهنجو تخلص "ڳاڙهو" مڇيءَ جي نالي سان رکندا آهن.

ڳوپ : مسڪين، ابوجهه

ڳڙ : ٻنا
ادا! زمين جا ڳڙ مضبوط ڪر. (ادا! زمين جا ٻنا مضبوط ڪر)

ڳيور : چوڪرو

ڳونتريو : ويچار ڪيو

ڳونتريو : سمجهو، غور ڪيو

ڳيو : ٽڪرو

ڳيو : پائتي (ڪاٺ) جو پڳل ٽڪرو.
مهاڻا ڪاٺ جي ٽڪر کي "ڳڙدي" به چوندا آهن.

ڳُڙ : اگڙيون. "هوڙيءَ جي سوراخن ۾ ڪپڙي جون اگڙيون هٽي بند ڪرڻ، مهاڻا ان کي "ڳڙ" چوندا آهن.
خلاصي! هوڙي کي جاچ ۽ ڳڙ ڪر.

ڳِندو : وندو

ڳُرو : وزن وارو

ڳيرو : پکيءَ جو قسم

## (گھ)

گھٽو : سرس. جهجو

گھُٽو : جيت جو قسم

درياهه جي پاڻي ۾ هلندڙ ڪاٺ جون ٻيڙيون هوڙا ۾ ٻيڙا انهن جي ڪاٺ کي جيت لڳندو آهي، ان کي "گھُٽو" چوندا آهن. پوءِ سُڪيءَ تي (ڪناري تي) ٻيڙا، ٻيڙيون ٻيهاري ڪاٺ کي جنهن هنڌ تي "گھٽو" جيت لڳندو آهي، ان جاءِ کي کُريندا (کمرچيندا آهن ته ٻيڙي، هوڙي جي حياتي وڌي ويندي آهي، جيڪڏهن هوڙن، ٻيڙين کي کرچيو نه ويندو ته اهي انهن ٻيڙين، هوڙين جا پاٽيا ڪمزور ٿي پوندا آهن، سي هوڙا ۽ ٻيڙيون درياءَ جي پاڻيءَ جون سٽون نه سهي سگھنديون آهن، سي ٻڏي، ٽٽي پونديون آهن.

گھوڙو : درياهه جو قسم

گھُبا : ديهه جا نالو..... تعلقو ڪيٽي بندر

گھارو : شهر جو نالو...

گھارو واهه: واهه جو نالو..

گھارو : ڏار ... ٽٽي پوڻ

گھرياڻي: ذات، ملاحن جي اوڙڪ، پاڙو

گھانيون : هوشيارپ، وشياري

گھرڙو : ٻينو

گھوري : شڪار ڪري

گھنا : عورت جو نالو

گھنا : وني (سرائيڪي ٻوليءَ گھنا جي معنيٰ "وني اچ")

گھري : ڪاهي

هوڙا گھري اچو خلاصين کي بچايو

گھتناڻي : جهڪاڻي

گھوٽا : ذات، اوڙڪ

ڳُهٽ : پوسٽ
ناڪئا! ڳُهٽ ۾ ساءُ پوساتجي پيو.
ڳِهل : نناڻ
ڳهوٽ : اڳواڻ
ڳهوٽ : جنهن جي شادي ٿئي.
ڳِهنا : عوت جو نالو
ادي! ماسي ڳهنا پارو ڏئي وئي.
ڳهڙ : چَٽ، ناهه
ڳهيڙ : لنگهه
ڳهورڙو : مگھار
ڳِهل : ننڊ
ڳهاتو : ڳهرو، نقصان
ڳهرو : داخل ٿيو

## (ڳ)

ڳاڳي : ٻوٽي جو نالو
ڳاڳيارو، ڪراچيءَ ۾ ديهه جو نالو
(حوالو: "ڪراچي سنڌ جي مارئي" گل حسن ڪلمتي)

## (ل)

| | | |
|---|---|---|
| لا | : | نہ، هڪ |
| لال | : | ڳاڙهو، رتو |
| لالواڻي | : | ذات |
| لنگهيو | : | ذات |
| لَنڙيا | : | ذات |
| لڙڪاڻي | : | ذات |
| لَلُو | : | پکيءَ جو قسم |
| ليارو مگرو | : | مڇيءَ جو قسم |
| لوڀ | : | لالچ |
| لوچ | : | تڙپ، جدوجهد |
| لوياري | : | درياءَ جو نالو |
| لنگهائي | : | موڪلي، نياپو |
| لوٺر | : | مڇيءَ جو قسم |
| لَڏ | : | سامان، گهريلو سامان |
| لاڏيون | : | شهر جو نالو |
| لُڳڙ پُڳڙ | : | لَتا ڪپڙا |
| لاڙو | : | پاسو |
| لاڙو | : | خسارو، ٽوٽ |
| لاڙو | : | نقصان |
| لُنڊ | : | ذات |
| لُنڊ | : | ڍوري جو نالو |
| | | هي ڍورو ديهہ ميرواري ۾ آهي. |
| لاس | : | رَس، پاڄيءَ جي رَس |
| لِي | : | عورت |
| لِيءَ | : | اُهي ڪاٺيون جنهن تي هوڙو، پيڙي بيٺل هوندي هُجي، انهن ڪاٺين ڪانسواءِ هوڙو، پيڙي درياءَ منجهہ هلي ناهي سگندي. |

لِيلاتَ : منڍون، ميڙون، آڌيون

للرِ : ڦل جو قسم، گاهُه

لانگارو : جيت جو قسم (سامونڊي جيت)

لولاٺ : ڪيڪون

لابارو : لُڻڻ، ڪٽائي، فصل تيار ٿئي، اُن کي لَڻڻ، ڪٽائي ڪرڻ.

لاڪو : ذات

لاڪو : ماڻهوءَ جو نالو

لاڪَ : ڪونٽر

لَڄ : پت، عزت آبرو، شرم حياءُ

لالو : ماڻهوءَ جو نالو

لَسو : چٽو

لَنب : وڻ جو قسم

لاپيو : ليپو ڏيڻ

ادا! اسان چنو لاپيو آهي.

لاڙ جا ماڻهو گپ جا گارو ناهي، جني ۾ منهه کي لاپو ڏيندا آهن.

لَپو : مٽي يا زمين ۾ ڪوڏار هڻي، جيڪا مٽي ڪوڏر تي چڙندي اها ٻاهر اُچلبي تہ ان کي لَپو چوندا آهن.

ليپو : پٽي، مرم

ڪنهن ماڻهوءَ جي ٽنگ يا ٻانهن تي ڌڪ لڳي ۽ جر ب يا چپ اچي تہ ان جي لاءِ لاڙي ماڻهو ڪڪڪ جر اٽو يا مال جو بسو ڪٽي ان کي پاڻيءَ ۾ گرم ڪري ملائي ليپو ناهي ان جاءِ تي جتي ڌڪ لڳل هوندوآهي، اُي لڳائي مٿان ڪپڙو ويڙهي، ٻڌي ڇڏيندا آهن.

لاڙي : لاڙ جي علائقي جو رهندڙ ماڻهو

ادا! هي لاڙي آهي.

لاڙ : علائقي جو نالو

لار : هيٺاٽين وارو علائقو يا حصو، جنهن ۾ درياءَ جو پاڻي

چڙهي اچي، سنڌ جي اتر ۽ ڏکڻ طرف ۾ ساموندي پٽيءَ سان لڳندڙ علائقو.

لاڙي : چانور جو قسم

لاڙي : پري اُچلي آچو

ادا! اهو گند ڪچرو ڪٿي لاڙي اچو.

ادا! اهو گند ڪچرو پري اچلائي اچو.

لُڙاتيل : ميرانجهڙو، ميرو، ڇُڙيو پاڻي

لُڙ : ميرو پاڻي، ادا! پاڻيءَ ۾ مال وينو آهي، هاڻ لُڙ ٿي ويو، يعني پاڻي ميرو ٿي ويو آهي.

لُڙ : تيز ڳالهائڻ، گوڙ ڪرڻ، شور ڪرڻ

ليڙ : ڪپڙي جي سنهڙي ٽڪڙي

ڪنهن ڦاٽل ڪپڙي جو ٽُڪرو.

لاڏ : پيار

لاڏ ڪوڏ : پيار سان

لاڏو : سهرو، گيچ

لاڏا : سهرا، گيچ، خوشيءَ جا سهرا

ڪنهن ٻار ڄمڻ يا گهوٽ ڪنوار جي شادين ۾ لاڏا ڳايا ويندا آهن.

لوڏڻ : ڏوڙڻ

لوڏ : چال

ادا! آڪو اچي پيو اِن جي لوڏ تہ ڏس، ڪنئين پانهن لوڏيندو اچي پيو.

لَڏ : سامان سٽڻ

ڪنهن اُٺ، بيل گاڏي، گهوڙي يا گڏه تي سامان سٽڻ کي لَڏ چوندا آهن.

هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ لڏو ڪٽي وڃڻ کي لڏ چوندا آهن.

قاسم لَڏ ڪٽي وڃي پيو.

لوٽي : ٽانوَ جو نالو، ننڍڙو برتن اڌ ڪلو جيترو

لوتي : نار ۾ لوي يا لوتو ٻڌين

لوڏ : پينگهہ

عورتون ڪٽ جي ٻانهين ۾ گنديءَ جا ٻئي پلاند ٻڌي، ڪپڙي جي پينگهہ ناهينديون، ان ۾ ننڍڙي ٻار کي سمهاري لوڏ ڏينديون آهن.

لي! آئون ٻار کي لوڏ ڏيان پئي، ڳيور کي ننڊ اچي تہ گورو ڪنديس.

لُلَت : رڙيون، دانهون

لَتَ : ڏوڙ

ليٽي : سمهي

ڳور ليٽي پيو آ.

لاڳ : جانورن جو ميلاپ

لاڳ : خيرات

ادا! فقير آيو، ان کي لاڳَ ڏنم.

لاڳَ : هُشي ڏيڻ

لاڳ : سڏارڻ

چورا! توئين هُل نہ ڪريو، آءُ اچي لاڳ ڏيان ٿو.

لامون : سنهڙيون ٽاريون

لاميو : لُڙيو

لاميو : لڙڪيل

وڻ جون ٽاريون جيڪي هيٺ جُهڪيل هجن، ان کي لاچيو چئبو آهي.

لامارو : ڦيرو

ادا! هيٺر تڪڙو وڃان پيو، پوءِ لامارو ڏيندس.

لامارا : ڦيرا

ادا! پکين لامارا پئي ڏنا، اُتي ڪو ڍونڊ هوندو.

ليٽ : دير

لاسَ : عورتون اٽو ۽ پاڻي ملائي "لاس" ناهين. خاص ڪري گوشت ۽ مڇيءَ جو ٻوڙ رڌي وڃڻ جي آخري مرحلي

۾ هُجي ت عورتون ان ۾ لاس وجهنديون آهن.

لَسي : ڪير ولوڙي اُن مان مکڻ ڪڍي، باقي پاڻي واري حصي کي لسي چوندا آهن.

لَسي : ڇتي

لَسي : اوزار، گاهه وڍڻ وارو اوزار

ادا! شهر وڃين پيو، مون جي "لَسي" لوهار کان ٽپايو اچ.

لانگها : ذات

لَنگهه : رستو

لَنگهي : گذري ويا، ڪالهه فقير ائي ڳوٺ جا ماڙو هتان لنگهي ويا.

لَنگهو : فقير، دهل وڄائڻ وارو

لنگهر : سنهو ڏر.

لينگهو : ليڪو

لاوو : باهه

لئو : وڻ جو قسم

لونڪا : ذات

لوسڻ : گاهه جو قسم

هيءَ گاهه ٽن سالن تائين هلندو آهي.

هڪڙو وڍيو تـ پيو لاب موريندو.

لاشار : ذات

لاشاري : ذات

شام جي وقت ڳوٺ رسول بخش مررو بلوچ، ديهه پوڳڙو، ڪاٺي واهه جي تڙ تي اولهندي ڪپ وٺ ڳوٺ آهي، ڪچهريءَ ۾ سگهڙ باقر خان مررو بلوچ، لطيف بلوچ، عطا محمد بلوچ، ڪرمي سوپاٽي جيڪو اصل ۾ ڳوٺ پاپيهو جو رهندڙ، ماستر حمزو، محمد خان مررو بلوچ وينل هئا.

(م)

موڙي : ٻج، ڦُٽي پيو، جائو، اُپري پيو، نِڪري پيو.
زمين ۾ ڪو بہ ٻج پوکڻ کان پوءِ اُهو اُپري پيو يعني ڦُٽي پيو تہ اُن کي "موري" چوندا آهن.

موڙي : مڇي جو قسم ۽ ماڻهو جو نالو بہ آهي.

مَنهڙ : گول ڪاني

مَنهر : ڪُڙهي (مڇي مارڻ وارو جار)
ڪڙهي گول ٿيندي آهي. اُن منجهہ ڇهہ ڪانيون وجهي انهن ڪانين جو هڪ حصو جيڪو مٿاهو وارو هوندو آهي، اُن منجهہ گول ڪاني پڌندا آهن، جنهن کي "منهو" چوندا آهن. ڪڙهي جي چار منجهہ هڪ سڄو پڌل هوندو آهي.

مسوراڻي: ذات

ماڪي : مونکي

مکي : مونکي

منگر وارو: ڍورو هيءَ ڍورو ڪاٺڻ درياهہ مان نڪري وري ڏوڏاتي درياهہ منجهان نڪري ٿو.
هيءَ ڍورو ڪناٽي آهي.

مِنڙي : ڍورو

مُڇِرَ : وڏين مُڇين وارو

مَسيت : هيءَ ڍورو "ڇِڻَ" درياهہ مان نڪري ٿو.

مُلپ : ملان، مُلو، ميان جي (حاجي قادر واڍو "ملپ" جو ڪم ڪندو آهي.

متر : عزيز
حاجي قادر واڍو "مُلپ" جو ڪم ڪندو آهي.

مَتيون : ڍورو هي ڍورو ڪَن ڇني درياهہ مان نڪري ڏمبري درياهہ مان گذري ٿو.
چوٽي "متيون مُجهي ويون"

مگرو : ذات

متواڻي : ذات

جتن جي اوڙڪ، پاڙو ماچر درياهہ تي رهندا

مَل : درياهہ جو نالو آهي.

مَڪڙ : ذات..... جتن جي اوڙڪ پارو، ڪاڪ درياهہ تي رهندا هئا.

مَسوراڻي: جتن جي اوڙڪ ۽ پاڙو

سوڪي بندرگاهہ جي پرسان ڳوٺ مصري مسوراڻيءَ جت مسوراڻي، پاريچا جت ۽ هندون بہ رهندا هئا.

مانجهراڙي: ذات

مالو : اوزار، ڇاڙ

ساموندي پٽيءَ ۾ نار درياهہ منجهان هڪ ڇاڙ نڪري ٿي ،جنهن جو نالو "مالو" آهي جيڪا ڪارو ڇاڻ جي پر ۾ آهي،

مُهري : موري.... واهہ جي مٿان ٺهيل پڪي سرن ۽ سيمينٽ سان ٺهيل پُل کي "مُهري" چوندا آهن.

مُهري : ٻيڙي ... يا هوڙي جو پهريون حصو.

مور ڇڏائي: ڏيهہ جو نالو، تعلقو ڪاروڇاڻ

مُونهان : مون ڪان

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو بيت داستان ٻيو بيت 21 سُر آسا

اڪرين آرو، مُونهان پُڇي نہ ڪيئو،

سي وَڃي اَڙيُون جِتِ ڇوڙ نہ ڇارو،

هينئڙو ويچارو، واٽون جَهليئو ونجهلي.

مناڻ : اُها مينهن جنهن جو گوشت ۽ چربي وڏي ويندي آهي اُن کي "مناڻ" مينهن چوندا آهن

مياڻ : هنڌ، جاءِ

اُها جاءِ جيڪا درياءَ جي ڪنڌي هجي، جتي ٻيڙائتا اچي ٻيهن، ٻيڙين، هوڙن، هوڙين جي ٻيهڻ جي جاءِ.

موسا : ديھہ جو نالو، ماڻھو جو نالو
ميرا : ديھہ جو نالو، عورت جو نالو
ميرا : درياءَ جو نالو
مَچون مگر: مڇيءَ جو قسم
مياچ : مڇيءَ جو قسم
ممپائي : پارو (ميٽڻ جو پاڙو)
مور چڏائي: ڳوٺ جو نالو
مُترڪو : اوزار
مُترڪو : مڇيءَ جو قسم
مور : ماڻھوءَ جو نالو
مور : پکيءَ جو نالو
مور : سُھڻو، ملوڪ
موري : ڦُتي، ادا! ٻچ موري پوندو، (ادا! ٻچ ڦتي پوندو)
مِتو : مڇيءَ جو قسم
مھاڻي جو تخلص
خلاصي مولوي عرف مِتو
موراڪي : مڇيءَ جو نالو، مڇيءَ جو قسم
موراڪو ڪي مھاڻا "موراڪي" مڇيءَ جو تخلص پاڻ تي رکندا آھن، پوءِ اھو نالو سندن سڃاڻپ بڻجي ويندو آھي.
ناڪئو ماڪو عرف موراڪي/موراڪو
ماين : عورتن
ميان : لقب، ٻانگ ڏيڻ يا اعلان ڪرڻ واري کي "ميان" چوندا آھن.
مَنديري : وَل جو قسم
مَدين : ذات، (مھاڻن جي ذات)
مورانجھر: ڳوٺ جو نالو
مول : لاش
مَرندو : گھٽبو
مَرندو : سُست. سُست ٿيندو معنيٰ تيزي ڇڏي ڏيندو.

ادا واءَ جهڪو ٿيندو تہ پاڻي مَرندو.

مُرندو : ڦٽندو

زمين ۾ گاھہ مُرندو آهي، (زمين م گاھہ ڦٽندو آهي)

مَيڊ : مُهاڻو، ملاح

مَڇيرو : مَڇيون ماريندڙ

مَڇيرو : ننڍڙي ٻيڙي، ننڍڙي هوڙي، هوڙو

موسيٰ : ماڻهوءَ جو نالو

موسيٰ : ديھہ جو نالو، تعلقو ڪارو ڇاڻ

ميو : ماڻهوءَ جو نالو

ميو : مڇيءَ جو نالو

مياچ : مڇيءَ جو نالو

ميرا : گدلا، خراب، مٽيءَ وارا گدلا

متو : مڇيءَ جو قسم

مايون : عورتون

ميان : لقب

مُنڍيري : وَل جو قسم

منڍيري : گاھہ

## (ن)

نـ : انڪار

ناري : ناري ، جي معنيٰ ڳولي وٺ
جليل! ڳنڍ پاڻ سان ڪڻي وڃو، ماني ناري وٺ.
ڳُچ جي گهر ۾ وينا هياسين تہ ماني جو وقت ٿي ويو.
ڳُچ اسان کي گهڻو زور ڀريو تہ ماني کائي وڃو، يا ڳُنڍ (ڳنڍڻ) پاڻ سان ڪڻي وڃو
سامونڊي ماڻهو ڳُنڍ جو لفظ ٻوڙ ،ڀاڄي جي لاءِ استعمال ڪندا آهن.

ناني وارو: ڍورو هي ڍورو سڦي ٽري درياهہ مان نڪري ، زري دبي درياهہ منجهان گذري وڃي ٿو.

نانگ واري: ڍورو، هيءَ ڍور سنهڙي درياهہ مان نڪري وري آڏياڙي درياهہ منجهان گذري وڃي ٿو. هي ڍورو ڪناٽي آهي.

نتراڻي : ذات

ناترو : ذات

نايُون : شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو بيت سُر ڪاموڏ
ڪـو جـو ڪـامـڻ مـي، آهـي اڪـڙيـن ڪـي،
تـنَ تـمـاچـي جـام جـو نـايُـون پـايـو نـي،
عشق ائين ڪَري، جيئن ڄارو ڄام ڪُلهي ڪِئو.

ني : ... نَڪي ....نَڪو.... نَہ....
جملو: آءُ ني، ڪاءُ ني.
ني جو لفظ ڀمرين آواز کي زور ڀرائڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي.

نار : درياهہ جو نالو

نوڏ : نياڱو ـ نڪ ـ

نقيب : پاڙو (ميمڻن جو پاڙو)

ناد : برف جي نادي

| | | |
|---|---|---|
| ناتاري | : | ڪاهي |
| نريون | : | شاخون، ٻاٽيءَ جو شاخون، جيڪي سمنڊ منجهه داخل ٿين. |
| نصير | : | ماٿهو جو نالو |
| نصير | : | واهه جو نالو |

واٿو : ڳاهہ جو قسم
وانڪي : اباڻي ملڪيت
وِڪَر : بندر ڳاهہ جو نالو
واڍِ : ڳوٺ جو نالو آهي. واڍِ لُقمان
وِنجهلي : تڙپي.... بي ڪرار ٿئي، بي چين.
بي سڪون، مڙي ۾ نہ، پنهنجي مَنهن ڳالهائڻ
ڪارائي لَهجي ۾ جملو...
اڙي ڇو پيو وِنجهلي.....؟
شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي بيت ۾ "وِنجهلي" جو
لفظ استعمال ڪيو آهي.
آڪڙيـنَ آ مُـونـهـانَ پُـڇـي نـہ ڪِـئـو،
اُت وَڃـي آڙيـون، چِـتِ چَـوڻ نـہ چـارو،
هينئڙو وبـچارو، واٿون جَهلئو وِنجهلي
شاهہ

واهڙ : ڍورو
وَٽيون : ديهہ جو نالو....
ويان : درياءَ جو نالو
وبسرمگرو: مڇيءَ جو قسم
وبسر : مڇيءَ جو قسم
وِتائڻ : لاهڻ
وتائيندو : لاهيندو، اُڇلائيندو، ڦٽو
وزن ڪش: پاڙو (ميمڻن جو پاڙو)
ويرو : واندو
ناڪئا! ڪُل ويرو هجي تہ ڏيو.
(ناڪئا! چلہ واندي هجي تہ ڏيو)
واڳو : مڇيءَ جو قسم
واڻ : درياءَ جو نالو
واٽا : زمين، اُها زمين جنهن کي هرَ ڏئي پوءِ ترَ ڏيندا آهن.
وِهٽ : جانور

وَنگرَ : ٻوري جو نالو
وَنگر : ذات
وسايائي : پاڙو، ملڪاڻين جو پاڙو
وير : لَهرَ
ويرون : لَهرون
وَڪار : سامان رکڻ جي جاءِ
(اُها جاءِ جنهن هنڌ تي "مهاڻا" هوڙي جو سامان اچ، برف جو ناديون، پيولا، پاٽيا وغيره پيو سامان رکن.)
وَرُو : واپس
وَرو : لوو
ورو : تورو چڱو پلو
وَر : شهر جو نالو
واجا : واهه جا
واجا : پاڙو، بلوچن جو
واڍو : ڪاٺ جو ڪم ڪندڙ
واڍ: وَڍَ ٽُڪَ وارو
وينچ : مشين
مشين جي ذريعي پاڻيءَ مان ڄَارَ ڪڍڻ
وَٿاڻ : جانورن جي جاءِ
وينٽي ڪٽڻ ماڙ: ڏنڊو، پورهيو ڪرڻ ڪانسواءِ ويهي ڪائڻ
وَسايو : نالو
ناڪئو وسايو تڙ ڏانهن ريو.
ويسر : مڇيءَ جو نالو
ويسر : ذات
وِيسر : يادگيري لَهي وڃڻ، وسري وڃڻ
وَسندي : عورت جو نالو
وسندي : آباد، خوشحال جوءِ
وَسند : ماڻهوءَ جو نالو
وَس : ڳاهن جي گلزاري، خوشحالي

واچوڙو : واءُ
واچوڙو : گھمري، واري هوا، ننيڙو طوفان، ميءُ جو.
ويلڻ : ماني پچائڻ جي لاءِ ڪاٺ جو تخطو.
وَهہ : زهر، ڪڙو ڪارو
وِڪَ : زهر، ڪڙو، ڪارو
وِکَ : هلڻ جي چال جو انداز
وکر : سيڌو سامان
واهوندو : چوماسيءَ جو هوائون
ويڳر : مصالو
وَهنوار : حساب ڪتاب
ويرون : پاٽي، سامونڊي چاڙهہ
واڳو : جانور، دريائي سامونڊي جانور
واٽَ : ڏس، پتو
واٽَ : رستو، گس، پيچرو
وَر : مڙس
وَر : آڏو، اُبتو، بي ترتيب
واهي : رک وارو
واهہ : ڍورو
ونگر : ڍوري جو نالو
ونگر : ذات
ونگرا : ذات
وني : گھرواري، زال
وِٿي : ٿورو فاصلو
وِير : لهر
ويرون : لهرون
وَکار : سامان رکڻ جي جاءِ
اها جاءِ جنهن ۾ "مهاٽا"، ناڪئا، هوڙي جو سامان رکن.
رڇ، برف جون ناديون، پيولا، پايا، پيو سامان وغيره.
وَرَ : شهر جو نالو

ٻر : مڙس
ٻرُ : واپس آچ، موٽ
ورو : ٿورو چڱو ڀلو
واجا : واھ جا
واجا : پاڙو، بلوچن جو
واڍو : ڪاٺ جو ڪم ڪندڙ
وريو : موٽيو
وينچ : مشين جي ذريعي پاڻيءَ مان رَڃ ڪڍڻ
اڳي خلاصي (ماٺوءَ) رَڃ کي رسن سان ڇڪيندا هئا، هاڻ ان جي جاءِ تي رَڃ کي ڇڪڻ يا ڪڍڻ جو ڪم مشين جي ذريعي وينچ ڪندو آهي.

(هه)

هَنيو : ماريو
چورو گهٽيءَ ۾ رڙيون پيو ڪري
چورا توکي ڪنهن هَنيو آ.
معنيٰ توکي ڪنهن ماريو آ.

هاريپ : پوکي راهي ڪندڙ، هاري

همس : ٻورو
هي ٻورو ڪانتي درياهه مان ٽڪري پوءِ پيتاڻي
درياهه مان گذري وڃي ٿو.
هيڪاندِ هيڪڙو، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي بيت
”هيڪاند“ لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي معنيٰ هِڪُ
۽ هڪڙو.
ڏاگهن، ڏيرن، ڏونگرن، تنهي ڏِنم ڏُکَ،
سي سڀ ڀايَنِم سُکَ، هيڪاندِ ڪارڻ هوت جي.
شاهه

هيڪاند : گهڻا

هاج : شئي

هاج : ضرورت

هيجڪ : مڇيءَ جو نالو

هيڪو : هڪڙو، هڪ
ناڪئي نور جو مي تي هيڪو وڏو احسان آم.
(ناڪئي نور جو هون تي جيڪو وڏو احسان آهي.)

هير : عادت

هِير : هوا

هير : عورت جو نالو

هير : هينئر
جملو: مِکي شبو هير ويسي ڏئي وئي،
(مون کي شبو هينئر سيڏو ڏئي وئي)

هوداريو : کٽو، مٽي کٽو

هيڪي پاڙي: هڪڙي پاڙي

ناڪئو مور ۾ خلاصي هيرو، سي هيڪي پاڙي جا آئن.

هيڪي : هڪڙي، اڪيلي، هڪرو

لي! آءِ هيڪي آئي آئيان.

## (ي)

| | | |
|---|---|---|
| يار | : | دوست |
| ياري | : | دوستي |
| يڪو | : | لاڳيتو |
| ٿڪ | : | هڪ |
| يڪ ساهي: | | هڪ ساهي |
| يڪ | : | گهڙي دير |
| | | ”لي! يڪڪ بيني آن، ويسي ڏيم“ |
| يڪ | : | مهاڻي جو تخلص |

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ٻاڙي، ڪاٺو، ٻاجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، پَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ھِن لفظ ۾پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻچاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

> وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
> پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
> ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)